# انقلاب
# جو نبوي ﷺ طريقو

نبي ڪريم ﷺ جن جي انقلاب آڻڻ جي طريقي تي ڪيل ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه جي جامع خطاب "رسولِ انقلاب ﷺ کا طریقِ انقلاب" جو سنڌي ترجمو


## ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه
مترجم: ڊاڪٽر ظهير الدين ابڙو



## انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ

هن ڪتاب کي ڇپرائڻ ۽ شايع ڪرڻ جي هر عام و خاص کي عام اجازت آهي.

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | انقلاب جو نبوي ﷺ طريقو |
| تاليف | ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه |
| سنڌي ترجمو | ڊاڪٽر ظهير الدين ابڙو |
| ناشر | مطبوعات، انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي |
| اي ميل | publications@quranacadeny.com |
| فون | +92-21-34993436-7 |
| ويب سائٽ | www.QuranAcademy.edu.pk |
| پهريون ڇاپو | ربيع الاول 1446 هجري، سيپٽمبر 2024 |
| تعداد | 1100 |
| قيمت | ... |

## سڄي ملڪ ۾ قرآن اڪيڊميز جا مختلف مرڪز

# فهرست


۞ تمهيد ........................................................................ 4
۞ انقلاب جو لغوي ۽ اصطلاحي مفهوم ............................................ 8
۞ ڪامل انقلاب جو واحد مثال: انقلاب نبوي ﷺ ............................ 10
۞ انقلابي عمل جا مرحلا ........................................................ 18
1) انقلابي نظريو (Revolutionary Ideology) ........................ 19
2) تنظيم (Organization) ........................................................ 19
3) تربيت (Training) ........................................................ 20
4) صبرِ محض (Passive Resistance) ........................................ 21
5) راست اقدام (Active Resistance) ........................................ 25
6) مصلح تصادم (Armed Conflict) ........................................ 27
7) انقلاب جي برآمدگي (Export of Revolution) ........................ 30
۞ نبي ڪريم ﷺ جو انقلابي نظريو ۽ ان جا تقاضا ........................ 30
1) انساني حاڪميت جي بدران خلافت ........................................ 30
2) ملڪيت جي بدران امانت ........................................................ 31
3) ڪامل معاشرتي مساوات ........................................................ 33
۞ اسلامي انقلابي تنظيم ۽ ان جون بنيادون ........................................ 36
۞ انقلابي تربيت جو نبوي ﷺ طريقو ........................................ 40
۞ انقلاب نبوي ﷺ ۾ صبرِ محض جو مرحلو ........................................ 44
۞ انقلاب نبوي ﷺ ۾ اقدام ۽ چئلينج جو مرحلو ................................ 50
• مديني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جا ابتدائي اقدام ........................................ 51
• غزوه بدر کان پهرين اٺ مهمون ................................................ 53
۞ انقلاب نبوي ﷺ جو ڇهون مرحلو: مسلح تصادم ................................ 57
۞ انقلاب نبوي ﷺ جو ڦيلاءُ ۽ برآمدگي ........................................ 59
۞ منهج انقلاب نبوي ﷺ جي موجوده حالات سان موافقت ........................ 60
• موجوده دؤر ۾ اقدام جي نوعيت ................................................ 65
۞ وقت جي اهم ترين ضرورت ........................................................ 68
۞ اسلام جي غلبي جي متعلق حديثون ................................................ 70

# تمهيد

نحمدهٗ ونصلی علیٰ رَسولِهِ الکریم . . . امَّا بَعد:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

﴿هُوَ الَّذِیٓ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰی وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَی الدِّيۡنِ كُلِّهٖ﴾ (التوبة: 33 ،الفتح: 28 ، الصف:9)

﴿وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيۡرًا وَّنَذِيۡرًا﴾ (سبأ:28)

﴿لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِیۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنۡ كَانَ يَرۡجُوا اللّٰهَ وَالۡيَوۡمَ الۡاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيۡرًا﴾ (الاحزاب:21) . . . صدق الله العظيم

معزز حاضرين ۽ محترم خواتين: السلام عليكم و رحمة الله و بركاته

آئون پنهنجي موضوع تي ڳالهائڻ کان پهرين توهان جي سامهون هڪ سوال رکان ٿو ته اڄ مسلمان امت جي سڀ کان وڏي ضرورت ڪهڙي آهي؟ هر ماڻهو سوچي ته مال ۽ دولت، حڪومت، تعليم، ٽيڪنالاجي يا جمهوريت! ڇا هنن مان ڪا هڪ شيء به اسان جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي؟ منهنجي تجزيي جي مطابق اڄ مسلمان امت جي سڀ کان وڏي ضرورت هيءَ آهي ته هُو اسلامي انقلاب برپا ڪرڻ جي لاءِ اُنهيءَ طريقي کي سمجهي جنهن طريقي تي محمد رسول الله ﷺ جن انقلاب برپا ڪيو هو. منهنجي سوچ جا هي پهلو (رُخ) توهان کي واضح هوندا ته هن وقت عالمي سطح تي مسلمان جنهن بدحاليءَ جو شڪار آهن، اهو حقيقت ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو عذاب آهي جنهن ۾ اسين مبتلا آهيون. ان ڪري جو اسان کي هن ڌرتيءَ تي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي دين جو نمائندو بڻايو ويو هو پر اڄ اسان پوري دنيا ۾ ڪو هڪ مُلڪ به نموني طور ڏيکاري نٿا سگهون جنهن جي باري ۾ اسين هي چئي سگهون ته اچو ڏسو، هي آهي نظام مصطفیٰ ﷺ! هي آهن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي برحق دين جي قائم ٿيڻ جون برڪتون!— پنهنجي هن

ڪوتاهيءَ جي ڪري ئي اسين الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي گرفت ۾ آهيون. هيءَ ڳالهه به سمجهڻ جي آهي ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي اِذن (اجازت) ڪان بغير يارت ۽ امريڪا سميت دنيا جي ڪا به طاقت اسان جو ڪجهه به بگاڙي نٿي سگهي. ائين چئجي ته هن وقت دنيا ۾ اسان جي جيڪا حالت آهي ۽ اسان جو جيڪو حشر ٿي رهيو آهي، اِهو سڀ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي اِذن سان ئي ٿي رهيو آهي. اُن ڪري جو اسان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي دين جي صحيح نمائندگي نہ ڪري رهيا آهيون بلڪ اسين پنهنجي عمل سان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي غلط نمائندگي (Misrepresent) ڪري رهيا آهيون. تہ پوءِ ان جو هڪڙو ئي حل آهي ته اسان گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ صحيح صحيح اسلامي نظام قائم ڪري ڏيکاريون ۽ پوءِ دنيا کي دعوت ڏيون ته اچو ڏسو، هيءُ آهي اسلام!

وري ملڪي ۽ قومي سطح تي پاڪستان جي باري ۾ منهنجو هيءُ مؤقف توهان جي علم ۾ آهي ته پاڪستان پنهنجي خاتمي جي بلڪل ويجهو اچي ويو آهي ۽ پاڪستان جي خاتمي جي وقت جي اُبتي ڳڻپ شروع ٿي چڪي آهي. ان ڪري جو هيءُ ملڪ پنهنجي قائم ٿيڻ جو حقيقي مقصد وڃائي چڪو آهي. البت اجان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽان هڪڙي مهلت باقي آهي ۽ هاڻي پاڪستان جي بقاء ۽ استحڪام جي لاءِ صرف هڪ ئي طريقو آهي ته هتي ”اسلامي انقلاب“ برپا ٿئي. هيءُ ملڪ انهيءَ مقصد لاءِ ئي قائم ڪيو ويو هو. پاڪستان جي باني ۽ مؤسس قائد اعظم محمد علي جناحؒ چيو هو تہ: اسين پاڪستان جو مطالبو اُن لاءِ تا ڪريون ته جيئن اسين اسلام جي حريت (آزادي)، اخوت (ڀائيچاري) ۽ مساوات (برابريءَ) جي اصولن جو هڪ عملي نمونو دنيا جي آڏو پيش ڪريون. اها ئي ڳالهه مفڪر، مبشر ۽ مصّورِ پاڪستان علامہ اقبالؒ پڻ چئي هئي.

وري ڏسو تہ عالمي سطح تي هن وقت دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت يعني آمريڪا ۽ ان جا ساٿي هِن ڳالهه تي سَندرو ٻڌي بيٺا آهن تہ دنيا ۾

ڪتي ٻہ اسلامي نظام جو نفاذ نہ ٿئي. هيءَ اُها ئي ڳالهہ آهي جيڪا علامہ اقبالؒ ابليس جي زباني چورائي هئي:

عصرِ حاضر کے تقاضاؤں سے ہے لیکن یہ خوف
ہو نہ جائے آشکارا شرعِ پیغمبرؐ کہیں!

اڄ آمريڪا ۽ پوري مغربي دنيا تي اهو خوف ڇانئيل آهي تہ متان دنيا جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ پيغمبر ﷺ جن جي شريعت جو عملي ظهور نہ ٿي وڃي. ظاهري ڳالهہ آهي تہ ﴿جَاءَ الْحَقُّ﴾ جو لازمي نتيجو ﴿زَهَقَ الْبَاطِلُ﴾ ئي آهي. هي خوف انهن تي ايترو تہ حاوي آهي جو انهن جي پوري عالمي پاليسي هِن معاملي تي ئي مرڪُوز (ڪُتل) ٿي وئي آهي. ان ڪري جو انهن ڪي نظر اچي رهيو آهي تہ اسلامي دنيا ۾ اسلامي نظام ڪي قائم ڪرڻ جو جذبو اُڀري رهيو آهي ۽ هي جذبو انهن جي حساب سان تمام گهڻو خوفناڪ آهي. هن لحاظ کان ڪمي صرف هن شيءِ جي آهي تہ هن جذبي ڪي صحيح عملي رستو ۽ طريقو ڪونہ پيو ملي ۽ فقط جذبو اُن وقت تائين ناڪافي آهي جيستائين ان ڪي صحيح عملي رستو ۽ طريقو نہ ملي.

انهن ٽنهي ڳالهين جي حوالي سان منهنجي گفتگو جنهن نقطي تي اچي بيٺي آهي اُهو هيءُ تہ هن وقت سڀ کان وڏي ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسلام کي نظامِ زندگيءَ جي حيثيت سان نافذ ۽ غالب ڪرڻ لاءِ صحيح طريقي ڪار ڪي واضح ڪيو وڃي. ۽ صحيح طريقو اهو ئي ٿيندو جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت مان ورتل هجي. اسان اُهي حديثون هڪ هنڌ جمع ڪري گهڻيون عام ڪيون آهن جن سان اهو يقين پيدا ٿئي ٿو تہ قيامت کان پهرين پوري دنيا ۾ اسلام جو عروج ٿيندو ۽ ڪافرن جو ”نيو ورلڊ آرڊر“ (New World Order) نہ هلندو بلڪ اسلام جو ”Just World Order“ (عدل وارو عالمي نظام) پوري دنيا تي غالب ٿيندو. هي جنهن ”نيو ورلڊ آرڊر“ ڪي دنيا تي مُسلط ڪرڻ چاهين

تا اهو حقيقت ۾ ”جِيو (jew - يهودي) ورلڊ آرڊر“ آهي جڏهن تہ اسلام جو ورلڊ آرڊر انصاف ۽ عدل جو نظام آهي ۽ ان جي باري ۾ محمد رسول الله ﷺ جن خوشخبري ڏني آهي تہ هي نظام قيامت کان پهرين پوري دنيا تي غالب ٿيندو. ظاهري ڳالهہ آهي تہ اسلام جي عالمي (Universal) غلبي جي شروعات ائين ئي ٿيندي تہ هي نظام پهرين ڪنهن هڪ ملڪ ۾ قائم ٿيندو، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ هٿن سان ﴿جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ﴾ جي ڪيفيت جزيرو نِما عرب ۾ پيدا ٿي هئي. هاڻي دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ هي نظام ڪيئن قائم ٿيندو؟ اُن باري ۾ امامِ دارُ الهجرت (مدينو شريف)، امام مالڪؒ جو قول آهي تہ: ”لَا يَصْلُحُ آخِرُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ اِلَّا بِمَا صَلَحَ بِهٖ اَوَّلُهَا“ يعني هن امت جي آخري زماني جي اصلاح ايسيتائين نہ ٿي سگهندي جيسيتائين جو اهو ئي طريقو اختيار نہ ڪيو وڃي جنهن سان هن امت جي شروعاتي دؤر جي اصلاح ٿي هئي. تنهنڪري اڄ اسلامي انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ اسان کي محمد رسول الله ﷺ جن جي انقلاب آڻڻ جي طريقي کي چڱيءَ طرح سمجهڻو پوندو ۽ پوءِ اُن کي عمل ۾ آڻڻو پوندو.

مون هي چند ڳالهيون بطور تمهيد جي ڪيون آهن تہ جيئن اڄ جي هن گفتگو جي اهميت توهان تي واضح ٿي وڃي. اڄ اسلام جي غلبي جي لاءِ ماڻهن جي جذبي ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ آهي پر صحيح عملي طريقو سامهون نہ هجڻ جي ڪري تحريڪون هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي رهيون آهن ۽ انهن جو حال هِينئر هيءُ ٿي ويو آهي تہ:

نشانِ راہ دکھاتے تھے جو ستاروں کو
ترس گئے ہیں کسی مردِ راہ داں کے لیے!

اسان کي اسلامي انقلاب جي لاءِ صحيح طريقو اختيار ڪرڻو پوندو جيڪو صرف رسول الله ﷺ جن جي زندگيءَ مان ئي ملي سگهي ٿو. الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فرمايو آهي: ﴿لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ﴾ يعني

توهان لاءِ الله جي رسول ﷺ جن جي شخصيت ۽ پاڪ زندگيءَ ۾ هڪ بهترين نمونو موجود آهي. پر هِن ”أسوه حسنہ“ مان فائدو پرائڻ لاءِ ٽي شرط آهن جن کي گڏ ئي بيان ڪيو ويو آهن تہ: ﴿لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا﴾ يعني اُن مان فائدو اُهي ئي حاصل ڪري سگهندا جيڪي (1) الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ سان ملاقات جا اميدوار آهن، (2) جيڪي قيامت جي ڏينهن تي يقين رکن ٿا ۽ (3) جيڪي ڪثرت سان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ذڪر ڪن ٿا. اُهي ئي ماڻهو هِن اسوه حسنہ مان فائدو پرائي سگهندا. جيئن قرآن مجيد ﴿هُدًى لِّلنَّاسِ﴾ يعني سيني انسانن جي لاءِ هدايت آهي، پر اُن جي هدايت جو فائدو صرف اُهي ئي حاصل ڪري سگهندا جن جي اندر ۾ تقوىٰ موجود آهي. تنهنڪري قرآن حڪيم جي شروع ۾ ئي واضح ڪيو ويو آهي تہ، هي (قرآن مجيد) ﴿هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ﴾ يعني پرهيزگارن جي لاءِ هدايت آهي.

## انقلاب جو لغوي ۽ اصطلاحي مفهوم

هن تمهيدي گفتگو کان پوءِ سڀ کان پهرين هي سمجهڻو آهي تہ ”انقلاب“ چا کي چئجي ٿو؟ انقلاب جي لفظي معنىٰ آهي ”تبديلي“. ان ڪري اسين هي لفظ ڪنهن بہ لفظ سان جوڙي استعمال ڪري ڇڏيندا آهيون. مثال طور: عِلمي انقلاب، ثقافتي انقلاب، سائنسي انقلاب، فوجي انقلاب وغيره. پر لفظ ”انقلاب“ جي اصطلاحي مفهوم ۾ اهڙي استعمال جي ڪا بہ گنجائش ناهي. اصطلاح ۾ ڪنهن معاشري جي سياسي نظام، معاشي نظام يا سماجي نظام مان ڪنهن هڪ ۾ بنيادي تبديليءَ کي صحيح انقلاب سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اڄ پوري دنيا ۾ انساني زندگيءَ کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو وڃي ٿو. انهن مان هڪ حصو انفرادي زندگيءَ جي متعلق آهي جڏهن تہ ٻيو حصو زندگيءَ جي اجتماعي معاملن تي ٻڌل آهي. انفرادي زندگيءَ جو حصو مذهب جي حدن ۾ اچي ٿو جيڪو عقيدن (Dogmas)، عبادتن (Rituals) ۽

سماجي رسمن (Social Customs) تي مشتمل آهي. اڄ پوري دنيا ۾ انهن معاملن ۾ ماڻهن کي آزاد تسليم ڪيو ويجي ٿو. تنهنڪري هر ماڻهوءَ کي آزادي حاصل آهي ته هو جيڪو به وڻيس اُهو عقيدو اختيار ڪري. ڀلي هُو هڪ خدا کي مڃي يا سؤ خدائن کي مڃي يا هزارن کي مڃي، يا وري ڪنهن کي به نه مڃي. جيئن وڻيس تيئن عبادت ڪري. چاهي رهبانيت اختيار ڪري رياضتون ڪري يا بتن جي اڳيان سجدا ڪري يا هڪ نه نظر ايندڙ خدا جي پرستش ڪري. عبادت ڪرڻ جي لاءِ جيڪو به طريقو اختيار ڪري هن کي آزادي آهي. ڀلي روزا رکي، نماز پڙهي يا مندر يا چرچ (ڪليسا گهر) ۾ وڃي. اهڙيءَ طرح سماجي رسمون ادا ڪرڻ ۾ به هو آزاد آهي. شاديءَ لاءِ نڪاح ڪري يا ڦيرا ڪرائي، ميت کي دفن ڪرائي يا ساڙائي ڇڏي، هن کي پوري اجازت آهي.

زندگيءَ جو ٻيو حصو تهذيب، تمدن، رياست ۽ سياست يعني اجتماعي نظام جي متعلق آهي ۽ هي سياسي نظام، معاشي نظام ۽ سماجي نظام (The Politico-Socio-Economic System) تي مشتمل آهي. هن جو مذهب سان ڪوبه تعلق نه آهي. هن جو نالو سيڪيولرزم (Secularism) آهي. واضح رهي ته سيڪيولرزم جو مطلب لامذهبيت نه آهي بلڪ هي همه مذهبيت ۽ لادينيت جي اصولن تي مبني آهي. سيڪيولرزم ۾ سڀئي مذهب قابل قبول آهن. هيءَ ڳالهه ته اڳوڻي امريڪي صدر "بش" به چئي هئي ته "We Are Ready To Embrace Islam" (اسين اسلام قبول ڪرڻ لاء تيار آهيون). اسلام بحيثيت مذهب تي هنن کي ڪوبه اعتراض ڪونهي. هو چون ٿا ته مسلمانن آمريڪا ۾ اچي سيناگاگ ۽ چرچ خريد ڪري انهن کي مسجد ناهي ڇڏيو، اسان ان تي ڪوبه اعتراض ڪونه ڪيو. مسلمانن هتي وڏي تعداد ۾ ايفرو امريڪنس (Afro Americans) کي ۽ ڪجهه گورن کي به Convert ڪري مسلمان ڪري ڇڏيو، اسان پوءِ به اعتراض ڪونه ڪيو. ان ڪري جو بحيثيت مذهب انهن جي اسلام سان ڪا به جنگ ناهي، پر هڪ نظام (Politico-Socio-Economic System)

جي حيثيت سان اسلام انهن کي ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي. اسلام جي اُنهيءَ تصور کي هو فنڊامينٽلزم (Fundamentalism) جو نالو ڏين ٿا. هن وقت جيئن ته ڪجهه فنڊامينٽلسٽ ماڻهن جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي اُن تي دهشت گرديءَ جو ليبل لڳي ويو آهي. انهيءَ ڪري هو فنڊامينٽلزم کي دهشت گرديءَ (Terrorism) جو هم معنىٰ قرار ڏئي ڪڏهن ”دهشت گرديءَ خلاف جنگ“ جو نعرو هڻن ٿا ته ڪڏهن ”بنياد پرستيءَ (فنڊامينٽلزم) خلاف جنگ“ جو نعرو هڻن ٿا. حقيقت ۾ هيءَ جنگ اسلام جي ”نظامِ حيات“ جي خلاف آهي. اسلام جي عقيدن، عبادتن ۽ رسمن جي خلاف هنن جي ڪابه جنگ نه آهي.

اصطلاحي معنىٰ ۾ انقلاب اجتماعي نظام ۾ ڪنهن تبديليءَ کي چوندا آهن. مذهبي ميدان ۾ ڪنهن وڏي کان وڏي تبديليءَ کي انقلاب نٿو چئي سگهجي. هي تمام اهم نڪتو آهي جنهن کي سمجهڻ ضروري آهي. انساني تاريخ ۾ سڀ کان وڏي مذهبي تبديلي سن 300 عيسويءَ ۾ تي هئي جڏهن روم جي شهنشاهه قسطنطين اعظم عيسائيت اختيار ڪئي هئي ۽ سڄي سلطنت عيسائي ٿي وئي هئي. مذهبي تاريخ ۾ ايڏي وڏي تبديلي (Conversion) ڪڏهن به نه ٿي هئي. روم جي سلطنت ان وقت ٽن برِاعظمن تي پکڙيل هئي يعني پورو شمال (اتر) آفريقا، پورو مشرقي (اوڀر) يورپ ۽ پورو مغربي (اولهه) ايشيا. پر ايتري وڏي مذهبي تبديليءَ کي ڪڏهن به انقلابن جي تاريخ ۾ شمار نه ڪيو ويو. ان ڪري جو هن مذهبي تبديليءَ سان سياسي، معاشي يا سماجي نظام ۾ ڪابه بنيادي تبديلي ڪونه آئي. انقلاب (Revolution) اُن تبديليءَ کي چئبو جيڪا ڪنهن ملڪ جي سياسي نظام، معاشي نظام يا سماجي نظام جي متعلق هجي ۽ بنيادي قِسم جي هجي.

## ڪامل انقلاب جو واحد مثال: انقلاب نبوي ﷺ

هاڻي اسين دنيا جي ڪجهه مشهور انقلابن جو جائزو وٺون ٿا. انهن ۾ ”فرانس جو انقلاب“ تمام گهڻو مشهور آهي ۽ ان ۾ ڪوبه شڪ

ناهي تہ اهو واقعي انقلاب هو. پر ان سان صرف سياسي نظام ۾ تبديلي آئي هئي. مذهب پهرين بہ عيسائيت هو ۽ پوءِ بہ اهو ئي رهيو. سماجي ڍانچي (Social Structure) ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي، صرف سياسي نظام تبديل ٿيو. ٻيو تمام گهڻو مشهور انقلاب روس جو "بالشويڪ انقلاب" آهي جيڪو 1917ء ۾ آيو. هن انقلاب سان صرف معاشي نظام تبديل ٿيو. پيداوار جي سيني ذريعن کي قومي ملڪيت ۾ آندو ويو ۽ انفرادي ملڪيت جو خاتمو ڪيو ويو. غور ڪريو تہ هي ٻئي انقلاب آهن جڏهن تہ رومي سلطنت جو هڪ ئي وقت ۾ عيسائي ٿي وڃڻ انقلاب ناهي.

هاڻي ٿورو محمد رسول الله ﷺ جن جي انقلاب جو جائزو وٺو. سڀ کان پهرين هي ڏسجي تہ ڇا واقعي پاڻ ڪريم ﷺ جن انقلاب برپا ڪيو هو يا اسين صرف عقيدت جي جوش ۾ هيءَ دعوىٰ پيا ڪريون؟ حقيقت هيئن آهي تہ رسول الله ﷺ جن تاريخ جو عظيم ترين انقلاب برپا ڪيو. هيءَ ڳالهہ آئون جذباتي انداز ۾ نہ بلڪ اطمينان ۽ ٿڌي دماغ سان ثابت ڪرڻ چاهيان ٿو. سڀ کان پهرين آئون ان باري ۾ غيرن جون شاهديون پيش ڪندس. ان ڪري جو "اَلْفَضْلُ مَا شَهِدَتْ بِهِ الْاَعْدَاءُ" (اصل فضيلت اها ئي آهي جنهن جو دشمن بہ اقرار ڪن). دوست ۽ عقيدت مند تہ هر شيءِ جي تعريف ئي ڪندا آهن. اصل تعريف تہ اها آهي جيڪا دشمن جي زبان سان ٿئي. جڏهن ڪنگ رچرڊ (هڪ دشمن) صلاح الدين ايوبيؒ جي تعريف ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ واقعي صلاح الدين ايوبيؒ وڏي عظيم شخصيت هو.

ايم اين رائي هڪ بنگالي هندو هو ۽ هو انٽرنيشنل ڪميونسٽ آرگنائيزيشن جو رڪن هو. هُن 1920ء ۾ بريڊلا هال (Bradlaugh Hall) لاهور ۾ "اسلام جو تاريخي ڪردار" (The Historical Role of Islam) جي عنوان سان ليڪچر ڏنو ۽ چيائين تہ: "ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انساني تاريخ جو عظيم ترين انقلاب محمد (ﷺ) برپا ڪيو". واضح رهي تہ

هي ڪو عقيدت مند نہ آهي بلڪ هڪ بنگالي هندو ۽ تمام وڏو ڪميونسٽ آهي. تنهن هوندي بہ هُو هيءَ ڳالهہ تسليم ڪري رهيو آهي. هيءَ تہ 1920ء جي ڳالهہ آهي يعني وِيهين صديءَ جي آغاز کان 20 سال پوءِ جي ڳالهہ آهي. هاڻي هن صدي جي اختتام کان 20 سال پهريان 1980ء ۾ اچو.— آمريڪا ۾ ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ "The 100" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ هن پنج هزار سالن جي انساني تاريخ مان اهڙن هڪ سؤ ماڻهن کي چونڊيو ۽ انهن جي درجابندي (Gradation) ڪئي جن انساني تمدن جي وهڪ جي رخ کي موڙڻ ۾ تمام اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. ان درجابنديءَ ۾ هن پهرين نمبر تي محمد رسول الله ﷺ جن کي آندو. ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ مذهب جي اعتبار کان يهودي آهي ۽ منهنجي اطلاع مطابق اجان زنده آهي ۽ مينهٽن (Manhattan) ۾ رهندو آهي. ان جو هي ڪتاب دنيا ۾ تمام گهڻو عام ٿيو، پر شايع ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ناياب ٿي ويو ۽ هي خيال عام ٿي ويو تہ شايد ڪنهن سازش تحت ان ڪتاب کي غائب ڪيو ويو آهي. ان ڪري جو ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ هن ڪتاب ۾ حضرت مسيح عليه السلام کي ٽئين نمبر تي رکيو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن کي پهرين نمبر تي آندو. اها ڳالهہ عيسائي دنيا لاءِ قابلِ قبول ۽ قابلِ برداشت نہ هئي. هن لکيو هو تہ:

My choice of Muhammad to lead the list of the world's most influential persons may surprise some readers and may be questioned by others, but he was the only man in history who was supremely successful on both the religious and secular levels.

ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ جي نظر ۾ انسان جي زندگيءَ جا بہ الڳ الڳ ميدان آهن. هڪ مذهب، اخلاق ۽ روحانيت جو ميدان آهي، جڏهن تہ ٻيو تمدن، تهذيب، سياست ۽ معاشرت جو ميدان آهي. ۽ انهن ٻنهي ميدانن ۾ انتهائي ڪامياب (Supremely Successful) انسان پوري انساني تاريخ ۾ صرف ۽ صرف هڪ ئي آهي ۽ اُهو آهي محمد ڪريم ﷺ. جن ماڻهن

ڪي عام طور تي عظيم سمجهيو وڃي ٿو اُنهن جي عظمت ڪنهن هڪ پهلوءَ کان ظاهر ٿيندي آهي. عبادت گذاري ۽ نفس ڪشيءَ ۾ گوتم ٻڌ گهڻو متاثر ڪندڙ آهي. اخلاقي تعليم جي حوالي سان حضرت مسيح عليه السلام گهڻو متاثر ڪندڙ آهي، پر رياست، حڪومت ۽ سياست ۾ انهن جو ڪو دخل ناهي. جنگين ۾ فتح ۽ ملڪن تي قبضا ڪرڻ جي حوالي سان سڪندرِ اعظم گهڻو متاثر ڪندڙ آهي، اٽيلا به متاثر ڪندڙ آهي، چنگيز خان به گهڻو متاثر ڪندڙ آهي ۽ اڪبرِ اعظم به گهڻو متاثر ڪندڙ آهي. انهن کان علاوه ٻيا به وڏا وڏا حڪمران ٿي گذريا آهن. پر دين، اخلاق ۽ روحانيت جي ميدان ۾ انهن جو ڪوبه مرتبو ناهي. هن معاملي ۾ ته انهن جو ٻُڙيءَ (zero) کان به ڪم ٿيڻ ويو آهي.— انساني تاريخ ۾ صرف ۽ صرف هڪ ئي انسان آهي جيڪو هنن ٻنهي اعتبارن کان تمام متاثر ڪندڙ ۽ ڪامياب ترين آهي ۽ اهو آهي محمد رسول الله ﷺ.

آئون غيرن جي شاهدين مان ٽئين شاهدي ايڇ جي ويلز جي ڏيندو آهيان پر ان جي جنهن عبارت جو آئون حوالو ڏيندو آهيان، ان جي ڪتاب "A Concise History Of The World" جي نئين ايڊيشن مان اُن عبارت کي ڪڍي ڇڏيو اٿن. ڪنهن دشمن جي وات مان ايڏي وڏي واکاڻ ممڪن ئي ڪونهي. ان ڪري جو ايڇ جي ويلز بدترين دشمن آهي. هن حضور ڪريم ﷺ جن جي پاڪ سيرت تي سلمان رشدي ۽ تسليمه نسرين کان به وڌيڪ زهريلا ۽ اخلاق کان ڪريل حملا ڪيا آهن. پر جڏهن هن حضور ﷺ جن جي حَجة الوداع جي خطبي جي هيٺين لفظن جو حوالو ڏنو ته گوڏن ڀر ويهي واکاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو. حَجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو:

((يَآ يُّهَا النَّاسُ! اَلَا اِنَّ رَبَّكُمْ وَاحِدٌ وَاِنَّ اَبَاكُمْ وَاحِدٌ ' اَلَا لَا فَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلٰى اَعْجَمِيٍّ وَلَا لِعَجَمِيٍّ عَلٰى عَرَبِيٍّ وَلَا لِاَحْمَرَ عَلٰى اَسْوَدَ وَلَا اَسْوَدَ عَلٰى اَحْمَرَ اِلَّا بِالتَّقْوٰى)) (مسند احمد : 22978)

”انسانو! آگاهہ ٿي وڃو، يقينًا توهان جو رب هڪ آهي ۽ توهان جو والد (حضرت آدم عليہ السلام) بہ هڪ آهي. خبردار! نہ ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي فضيلت حاصل آهي ۽ نہ ئي ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي فضيلت حاصل آهي ۽ نہ ڪنهن گوري کي ڪنهن ڪاري تي فضيلت حاصل آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪاري کي ڪنهن گوري تي فضيلت حاصل آهي. فضيلت جي بنياد صرف تقوىٰ آهي.“

ايچ جي ويلز جيتوڻيڪ عيسائي آهي پر خطبه حَجة الوداع جو حوالو ڏيڻ کان پوءِ هو هي اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو تہ:

”حالانڪ انساني ڀائيچاري، برابري ۽ آزاديءَ جا وعظ تہ دنيا ۾ پهرين بہ ڏاڍا ڪيا ويا هئا ۽ اهڙا وعظ اسان کي مسيح ناصري عليہ السلام جا بہ گهڻا ملن ٿا، پر هي تسليم ڪرڻ بغير ڪو چارو نہ آهي تہ اُهو محمد (صلی اللہ عليہ وسلم) ئي هو جنهن انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اِنهن اصولن تي هڪ معاشرو قائم ڪيو.“

دشمنن جي شاهديءَ سان بہ هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي وئي تہ اهو انساني تاريخ جو عظيم ترين انقلاب هو جيڪو محمد رسول الله صلی اللہ عليہ وسلم جن برپا ڪيو. انقلابِ محمدي صلی اللہ عليہ وسلم جو فرانس ۽ روس جي انقلابن سان مقابلو ڪندائو تہ نظر ايندو تہ فرانس جي انقلاب ۾ صرف سياسي نظام تبديل ٿيو ۽ روس جي انقلاب ۾ صرف معاشي نظام تبديل ٿيو- پر انقلابِ محمدي صلی اللہ عليہ وسلم ۾ هر شيء ئي بدلجي وئي. مذهب بہ بدلجي ويو، عقيدا بہ بدلجي ويا، رسمون بہ بدلجي ويون، سياسي نظام بہ بدلجي ويو، معاشي نظام بہ بدلجي ويو ۽ معاشرت بہ بدلجي وئي. ڪابہ شيء پنهنجي پراڻي حالت ۾ قائم نہ رهي- ڳولهي ٻڌايو تہ ڪا شيء ساڳي جي ساڳي رهجي وئي هجي- جتي پڙهيل لکيل ماڻهو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا، اُن قوم کي پاڻ ڪريم صلی اللہ عليہ وسلم جن علم جي ميدان ۾ دنيا جو امام ناهي ڇڏيو. انهن نوان نوان علم ايجاد ڪيا ۽ پوري دنيا جو علم ميڙي سميٽي، هندستان

۽ يونان مان علم ڪٺي، اُن کي وڏيڪ ترقي ڏياري دنيا جي آڏو رکي ڇڏيو. ثابت ٿيو تہ دنيا جو جامع ترين، گهرو ترين ۽ Most Profound انقلاب فقط محمد عربي ﷺ جن جو انقلاب هو. ٻيو ڪوبہ انقلاب ان جي مقابلي ۾ نٿو اچي سگهي. ٻيا سيئي انقلاب جزوي (Partial) هئا. ٻين سيني انقلابن ۾ توهان ڏسندائو تہ فڪر ۽ دعوت ڏيڻ وارا ماڻهو ٻيا هئا ۽ انقلاب برپا ڪرڻ وارا ٻيا هئا. مارڪس ۽ اينجلز پنهنجي ڪتاب داس ڪئپيٽال (Das Kapital) جرمني يا انگليند ۾ ويهي لکي، پر جرمني ۽ انگليند جي ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ بہ مارڪسسٽ انقلاب ڪونہ آيو بلڪ ٺئين هنڌ وجي روس ۾ بالشويڪ ۽ مانشويڪ جي هٿان انقلاب آيو، ۽ عين وقت تي اڳيان لينن اچي ويو. هن انقلاب کي برپا ڪرڻ ۾ نہ مارڪس جو ڪو حصو آهي ۽ نہ ئي اينجلز جو ڪو حصو آهي. فڪر ڏيڻ وارا ڪي ٻيا هئا ۽ انقلاب آڻڻ وارا ڪي ٻيا هئا. اهڙيءَ طرح والٽيئر ۽ رُوسو جهڙا بيشمار ليکڪ هئا جن حريت، آزادي ۽ جمهوريت جو هڪ فڪر ڏنو هو، پر هُو فقط ليکڪ (Desk worker) هئا. ڪتاب تہ لکي سگهيا ٿي پر ميدان ۾ اچي اڳواڻي نٿي ڪري سگهيا. تنهنڪري فرانس ۾ اوباش ۽ بد معاش قسم جي ماڻهن انقلاب آندو. اهو ئي سبب هو جو فرانس جو انقلاب انتهائي خونخوار انقلاب هو. ان کي ڪنٽرول ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هو بلڪ اهو هڪ هجوم (mob) هو جنهن کي جيڪو ٿي وڻيو سو ٿي ڪيائين- هاڻي ٿورو پيٺي ڏسو تہ محمد رسول الله ﷺ جو انقلاب دنيا جو اُهو واحد انقلاب آهي جنهن جي اڳواڻي ۽ قيادت شروع کان آخر تائين هڪ ئي ماڻهو ڪري رهيو آهي. هڪ وقت ۾ اُهي مڪي ۾ Street Preaching ڪري رهيا آهن، گهر گهر ۽ گهٽي گهٽيءَ ۾ هلي دعوت ڏئي رهيا آهن ۽ تبليغ ڪري رهيا آهن. ڪير انهن کي چريو پيو چوي، ڪير مجنون پيو چوي تہ ڪير انهن کي شاعر پيو چوي. پر پاڻ ڪريم ﷺ جن سڀ برداشت ڪري رهيا آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪڏهن موٽائي جواب ڪونہ ڏنو تہ تون چريو آهين. وري اهو

ئي شخص آهي جيڪو بدر جي ميدان ۾ فوج جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي- تاريخ ۾ اهڙو ڪو مثال ملي ٿو؟ آئون وري ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ جا اُهي ئي لفظ دهرائيندس تہ: He is the only, the only, the only person - ڪٿي گهر گهر ۽ گهٽي گهٽي ۾ دعوت ڏيڻ وارو هڪ انسان ۽ ڪٿي هڪ فوج جي اڳواڻي ڪرڻ وارو قائد! آهي ڪا مناسبت؟ — انهيءَ حوالي سان هڪ اهم ڳالهہ نوٽ ڪريو تہ ٽائن بي (Toynbee) جيڪو پوئين صديءَ جو هڪ وڏو تاريخ جو فلسفي ٿي گذريو آهي، اُن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي باري ۾ هڪ زهر سان ڀريل جملو چيو تہ: "Muhammah failed as a prophet, but succeeded as a statesman" يعني محمد (ﷺ) هڪ نبيءَ جي حيثيت سان تہ ناڪام ٿي ويو البت هڪ سياستدان جي حيثيت سان ڪامياب ٿي ويو. (نقل ڪفر، ڪفر نباشد)

ٽائن بي جي هن هڪ جملي جي وضاحت ۾ انگلينڊ جي پروفيسر منٽگمري واٽ بہ ڪتاب لکيا: Muhammad at Mecca ۽ Muhammad at Madina "محمد ايٽ مدينا" ۾ هن بظاهر پاڻ ڪريم ﷺ جي لاءِ تعريف جا جيڪي بہ ممڪن الفاظ هئا انهن کي Superlative Degree ۾ استعمال ڪيا، پر اندر ئي اندر ۾ هن هڪ تضاد (Contrast) ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مڪي وارو محمد (ﷺ) ڪو ٻيو هو ۽ مديني وارو محمد (ﷺ) ڪو ٻيو آهي. هنن تعريفي لفظن ڪان دوکو کائي ضياءُ الحق منٽگمري واٽ کي مرڪزي سيرت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ چيف اسپيڪر جي حيثيت سان مدعو ڪيو هو. ضياءُ الحق کي اِهو اندازو ئي ڪونہ هو تہ منٽگمري واٽ ڪهڙي چالاڪيءَ سان سيرت پاڪ ۾ هي تضاد ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مڪي جو محمد (ﷺ) ۽ مديني جو محمد (ﷺ) الگ الگ آهي، انهن جو تصويرون مختلف آهن.— اصل ۾ جڏهن هي ماڻهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مڪي زندگي ڏسن ٿا تہ پاڻ ڪريم ﷺ کي نبي يا رسول نہ مڃڻ جي باوجود بہ اهو

ضرور مجن ٿا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جي زندگي نبين سان ڪجھ مشابهت رکي ٿي. جهڙيءَ طرح حضرت عيسىٰ عليه السلام گھمندي ڦرندي تبليغ ڪندا هئا، ائين ئي نبي ڪريم ﷺ ڏسجي پيو. جيئن حضرت عيسىٰ عليه السلام کي جيڪو ڪجھ بہ چيو ويو اُنهن اهو برداشت ڪيو ۽ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، اهڙو ئي طريقو محمد ﷺ جن بہ اختيار ڪيو. تنهنڪري انهن جي لاءِ هي ڪجھ نبين جهڙو نقشو آهي جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ (معاذ الله) ناڪام ٿي ويا. هنن جي مطابق حضور ﷺ جن کي مڪي مان تہ جان بچائي ڀڄڻو پيو. هُو هجرت کي Flight (فرار) جو نالو ڏين ٿا، حالانڪ فلائٽ تہ ڪنهن خوف جي بنياد تي ٿيندي آهي جڏهن تہ هجرت خوف جي بنياد تي نہ هئي بلڪ هيءَ هڪ حڪمت عملي (Strategy) هئي جنهن جو مقصد پنهنجي لاءِ بيو Base (مرڪز) ڳولهڻو هو. بهر حال انهن مستشرقين کي مديني ۾ هڪ بلڪل نئون محمد (ﷺ) نظر اچي رهيو هو جيڪو وڏي غور و فڪر وارو سياستدان آهي، هڪ رياست جو حڪمران آهي ۽ هڪ فوجي ڪمانڊر آهي. هتي اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن يهودين سان معاهدا ڪري رهيا آهن، هتي انهن جي تدبر، Statesmanship (سياست) ۽ موقعو شناسي ۽ انسان شناسيءَ جو ڪمال ظاهر ٿي رهيو آهي. هنن مستشرقين جي اڳيان هي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پاڪ زندگيءَ جو تضاد (مخالف رخ) آهي.

آئون مستشرقين جو حوالو صرف ان ڪري ڏئي رهيو آهيان جو حضور ﷺ جن جي زندگي اُنهيءَ اعتبار کان تہ واقعي Contrast (تضاد) جي حامل آهي. اُن ڪري جو هڪ انقلابي دعوت جو آغاز بہ نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ ڪيو ۽ ان کي ڪاميابيءَ جي آخري منزل تائين بہ پاڻ ﷺ جن ئي پهچايو. دنيا جي انقلابن ۾ ٻيو ڪوبہ انقلاب هڪ ئي انساني حياتيءَ جي عرصي (Life Span) ۾ پورو نہ ٿيو بلڪ فڪر ڏيڻ وارا مري سڙي ويا پوءِ وڃي ڪِٿي اهو فڪر اپريو ۽ ان جي بنياد تي ڪٿي انقلاب آيو. جڏهن تہ محمد رسول الله ﷺ جو انقلاب انهيءَ اعتبار

ڪان منفرد ۽ بي مِثل آهي جو هڪ ئي انساني زندگيءَ ۾ ڪل 23 سالن جي عرصي ۾ شروع ڪان آخر تائين انقلاب جا سيئي مرحلا پار ٿي ويا.

هن ڳالهه مان آئون هيءُ نتيجو ڪيان ٿو تہ اڄ جي هن دؤر ۾ اجتماعيات، سوشيالاجي يا پوليٽيڪل سائنس جو ڪو بہ طالب علم (شاگرد) جيڪڏهن پوري ديانتداريءَ سان انقلاب جو صحيح طريقو حاصل ڪرڻ چاهي تہ ان کي صرف محمد رسول الله ﷺ جي پاڪ سيرت مان ئي مڪمل رهنمائي ملي سگهي ٿي. مارڪس، اينجلز، لينن يا والٽيئر جي زندگين مان هن معاملي ۾ ڪا بہ رهنمائي هرگز نٿي ملي سگهي. انقلاب جو طريقو سمجهڻ ۽ اخذ ڪرڻ لاءِ هاڻي دنيا جي اڳيان صرف هڪ ئي ذريعو (Source) آهي ۽ اهو رسول الله ﷺ جن جي پاڪ سيرت آهي. تنهنڪري انقلاب جي طريقي متعلق آئون جيڪو ڪجهہ بيان ڪري رهيو آهيان ان جي لاءِ منهنجو Source صرف ۽ صرف سيرت محمدي ﷺ آهي. هاڻي آئون اسلامي اصطلاحن جيئن دين، اسلام، ايمان، جهاد ۽ قتال وغيره استعمال ڪرڻ بغير جديد اصطلاحن ۾ انقلاب جا مرحلا اوهان جي اڳيان رکڻ چاهيان ٿو. ان ڪري جو اسان جي زوال جي دؤر ۾ انهن اصطلاحن جو مفهوم محدود ۽ تبديل (Limited And Perverted) ٿي ويو ۽ اسين جڏهن بہ ڪا اصطلاح استعمال ڪندا آهيون تہ ان جو اُهو ئي بگڙيل تصور اسان جي ذهن ۾ اچي ويندو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن انهن اصطلاحن ڪان هٽِي ڪري جديد اصطلاح (Terminology) ۾ ڳالهه ڪئي وڃي تہ انقلاب جو خاڪو نسبتًا آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو. ان ڪان پوءِ مناسب ٿيندو تہ اُنهيءَ خاڪي ۾ سيرت النبي ﷺ، قرآن ۽ حديث جي اصطلاحن ۽ واقعن جو رنگ پريو وڃي.

## انقلابي عمل جا مرحلا

هڪ مڪمل انقلاب جا ڇهہ يا ست مرحلا هوندا آهن جن جي تفصيل اڳيان ڏجي ٿي:

## 1) انقلابي نظريو (Revolutionary Ideology)

هر انقلاب جي پهرين ضرورت هڪ اهڙو انقلابي نظريو ۽ انقلابي فلسفو هوندو آهي جيڪو پهرين کان موجود Politico-Socio-Economic System جي پاڙن تي ڪُهاڙو ٽي وار (حملو) ڪري. جيسيتائين ان نظريي ۾ موجوده سياسي نظام، معاشي نظام يا سماجي نظام جي پاڙن کي پَٽڻ جي طاقت نہ هوندي تيسيتائين اهو انقلابي نظريو نہ آهي، اُهو فقط هڪ وعظ (Sermon) آهي. ٻيو هي تہ جيڪڏهن اهو نظريو ۽ فلسفو نئون آهي تہ معاملو وري بہ آسان آهي. ڇو تہ نئون نظريو پنهنجيون اصطلاحون پاڻ ناهيندو ۽ انهن اصطلاحن جي معنيٰ بہ پاڻ مقرر ڪندو. ۽ جيڪڏهن اُهو ڪو پراڻو نظريو آهي تہ هاڻي اُن جي نئين تعبير ڪرڻي پوندي ۽ ان جي وضاحت بہ موجوده دؤر جي جديد اصطلاحن مطابق موجوده وقت جي علمي سطح تي ڪرڻي پوندي. پوءِ اُن نظريي کي ڦهلائيو وڃي، عام ڪيو وڃي ۽ ان جي لاءِ موجوده دؤر جي سڀني دستياب ابلاغ جي ذريعن کي استعمال ڪيو وڃي. پهرئين وقت ۾ صرف گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمي ڦري ماڻهن کي گڏ ڪري دعوت ڏئي سگهبي هئي يا ماڻهن کي مانيءَ جي دعوت تي گهرايو ويندو هو ۽ پوءِ انهن جي سامهون ڪا ڳالهہ رکي ويندي هئي. پر هاڻي جلسا بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪتاب بہ لکي سگهجن ٿا. ٽيڪنيڪل پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سميت جديد دؤر جا سڀئي ابلاغ جا ذريعا انقلابي نظريي جي مشهوري، تشهير ۽ اشاعت لاءِ استعمال ڪيا وڃن.

## 2) تنظيم (Organization)

ٻئي مرحلي ۾ جن ماڻهن هن نظريي کي قبول ڪيو، انهن کي هڪ اجتماعيت جي نظام تحت منظم ڪيو وڃي. هن اجتماعيت يا تنظيم جي لاءِ بہ بہ شرط آهن. پهريون هيءُ تہ اها تنظيم وڏي مضبوط ڊسيپلن واري هجڻ گهرجي. ان ڪري جو جڏهن مقابلو ٿيندو ۽ اوهان موجوده

نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ايندائو ته مراعات (رعايتون) حاصل ڪندڙ طبقا، جن جا هن نظام سان مفاد ڳنڍيل هوندا آهن، اُهي هن نظام جي حفاظت خاطر توهان کي ڪُچلڻ (چيپاٽڻ) لاءِ اُٿي بيهندا. تڏهن توهان کي انهن جي مقابلي ۾ هڪ فوجي ڊسيپلن جي ضرورت پوندي. محض هُجوم (mob) مقابلو ڪونه ڪري سگهندو. هتي ته Listen and Obey جي اصول تحت منظم ۽ مضبوط جماعت گهربل آهي جنهن جو ڊسيپلن هن طرح هجي ته:

*Their's not to reason why?*
*Their's but to do and die!*

ٻيو شرط هي آهي ته هن تنظيم ۾ ڪارڪنن جي حيثيت ۽ مرتبي جو تعيّن (مقرري) تحريڪ سان وفاداري ۽ قربانيءَ جي بنياد تي هجڻ گهرجي. ائين نه هجي ته ڪو برهمڻ آهي ته اهو مٿانهون آهي ۽ ڪو شودر آهي ته اهو هيٺانهون آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هيءَ انقلابي تنظيم نه آهي. انقلابي تنظيم ۾ ڪنهن جي حيثيت جو تعيّن اُن جي تحريڪ سان تعلق، وفاداريءَ ۽ Commitment جي بنياد تي ٿيندو، ۽ هيءُ به ڏٺو ويندو ته اُن ماڻهوءَ تحريڪ لاءِ ڪيتري قرباني ڏني آهي. ٿي سگهي ٿو ته هڪ شودر ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ مٿانهون ٿي وڃي ۽ هڪ برهمڻ هيٺ رهجي وڃي.

### 3) تربيت (Training)

ٽيون مرحلو ڪارڪنن جي تربيت جو آهي. هن مرحلي ۾ انقلابي جماعت جي ڪارڪنن جي ذهنن مان انقلابي نظريو هڪ لمحي جي لاءِ به غائب ٿيڻ نه گهرجي. ان ڪري جو انهيءَ نظريي تي ئي سڄي انقلابي جدوجهد جو دارو مدار آهي. جيڪڏهن انقلابي نظريو ذهنن ۾ پڪو ۽ مضبوط هوندو ته عمل جو جذبو به بيدار رهندو. پر جيڪڏهن اهو نظريو ڪمزور ۽ جهڪو ٿي ويو ته پوءِ عمل جو جذبو به ختم ٿي ويندو. ان سان گڏوگڏ انقلابي ڪارڪنن کي ڊسيپلن جو به عادي ڪرڻو پوندو ته

ٻڌن ۾ مجن. هي ڪم سولو ڪونهي، هن لاءِ وڏي ٽريننگ جي ضرورت آهي. بقول شاعر:

ہم بھی تسلیم کی خو ڈالیں گے
بے نیازی تری عادت ہی سہی!

تسليم جي عادت وجهڻ آسان ڪونهي، ان ۾ پنهنجي انا (Ego) رڪاوٽ وجهي ٿي. بلڪ انا ڪان به وڌيڪ انانيت (خود پسندي) رڪاوٽ وجهي ٿي.— انقلابي تربيت جو ٽيون هدف هيءُ آهي ته تحريڪ جي ڪارڪنن ۾ پنهنجي جان، مال ۽ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿي وڃي. ان ڪان بغير انقلاب نٽو اچي سگهي. بقول اقبال:

تو بچا بچا کے نہ رکھ اسے ترا آئنہ ہے وہ آئنہ
کہ شکستہ ہو تو عزیز تر ہے نگاہِ آئنہ ساز میں!

هي ٽيئي انقلابي تربيت جا لازمي جُزا آهن. ان ڪان علاوه چوٿون جُزو هيءُ ٿيندو ته توهان انقلاب جي ذريعي جيڪو نظام قائم ڪرڻ چاهيو ٿا، اُن ۾ جيڪڏهن ڪو روحانيت جو پهلو به مطلوب آهي ته پوءِ ڪارڪنن جي روحاني تربيت به ڪرڻي پوندي. ڪارڪنن جي روحاني تربيت بغير، انقلاب ۾ روحانيت ڪونه اچي سگهندي.

### 4) صبرِ محض (Passive Resistance)

هي مرحلو هونئن ته چوٿين نمبر تي آهي پر حقيقت ۾ ان جي شروعات پهرين مرحلي ڪان ئي ٿي وڃي ٿي. صبرِ محض (Passive Resistance) جو مطلب هيءُ آهي ته انقلابي تحريڪ جا ڪارڪن پنهنجي مؤقف تي جمي بيهن ۽ پويان نه هٽن، ڳڌوڳڏ تشدد ۽ تڪليفن جي جواب ۾ ڪنهن به قسم جي جوابي ڪارروائي به نه ڪن. ان جو سبب بلڪل منطقي (logical) آهي. پهرين ڳالهه هيءَ ته معاشري ۾ ٽڪراءُ (Conflict) پيدا ڪرڻ وارا اهي انقلابي ماڻهو ئي هوندا آهن. هونئن ته ماڻهو آرام سان وينا هئا، امير به هئا ته غريب به هئا. غريب پنهنجي

قسمت تي راضي هئا ۽ امير عيش ڪري رهيا هئا. غلام ويچارو پنهنجو ڪم پيو ڪري ڇو جو ان کي خبر آهي تہ منهنجي قسمت اِها ئي آهي، مونکي الله سائين غلام ئي ناهيو آهي.— انهيءَ ڪري ئي مارڪس چيو هو تہ مذهب عوام جو ”آفيم“ آهي. ماڻهو پنهنجي حال تي صابر ۽ شاڪر رهندا آهن ۽ انقلاب جي لاءِ تيا اُٿن. اُهي نظام جي خلاف بغاوت تيا ڪن. جيئن هڪ پرسڪون تلاء جنهن ۾ ڪا بہ لهر نہ هجي، ان ۾ توهان هڪ پٿر اُڇلائي حرڪت پيدا ڪري ڇڏي هجي، اهڙيءَ طرح ئي انقلابي ماڻهو پهرين کان قائم نظام جي خلاف آواز اُٿاريندا آهن تہ هيءُ نظام غلط آهي، هي هڪ لُٽ مار وارو (Exploitive) ۽ ظلم وارو (Repressive) نظام آهي. هي نظام ماڻهن ۾ تفريق (Discrimination) پيدا ڪري رهيو آهي. تہ پٿر دراصل انقلاب جي داعين اڇلايو. هاڻي پٿر پاڻيءَ ۾ ويندو تہ ڪجهہ لهرون اُٿنديون. اهڙيءَ طرح ئي معاشري ۾ جيڪي لهرون اُٿنديون آهن، اُهي انقلابي دعوت جو هڪ فطري رد عمل (Reaction) هونديون آهن. هن رد عمل جا بہ مختلف درجا ۽ مرحلا (Stages) هوندا آهن.

انهن ۾ بہ مرحلا تمام اهم آهن. پهرين مرحلي ۾ ڪوشش اِها هوندي آهي تہ جيڪو شخص انقلاب جو داعي ٿي سامهون آيو آهي، اُن جي ڪردار ڪُشي ڪئي وڃي. ڪيئن بہ ڪري ان جي شخصيت کي داغدار ڪيو وڃي، ان جي همت کي ٽوڙيو وڃي ۽ ان جي قوتِ اراديءَ (will power) کي ختم ڪيو وڃي. تنهنڪري تشدد ۽ ايذاءُ (persecution) جو پهريون نشانو فقط داعيءَ جي ذات ٿيندي آهي. هي تڪليفون ۽ ايذائون شروع ۾ صرف زباني ڏنيون وينديون آهن تہ هي چريو آهي، هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي، اسان جو نظام صدين کان بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هلي رهيو آهي، اسان جي ابن ڏاڏن کان پيو هلي ۽ هيءُ شخص هن نظام کي غلط ٿو چوي. اصل ۾ هن جو ئي دماغ خراب ٿي ويو آهي يا هن تي ڪنهن جِن يا ڀُوت جو اثر اچي ويو آهي. جيڪڏهن اهڙي

طريقي سان داعيءَ جي قوتِ اراديءَ کي ختم ڪري ڇڏجي ته ان جي همت جواب ڏئي ويندي. پوءِ ٻئي ڪنهن کي ڪجهه به چوڻ جي ضرورت ئي نه آهي. جيئن وڻ جي پاڙ ڪٽجي ته سڄو وڻ پاڻ ئي ڪري پوندو آهي. پر جيڪڏهن داعي پنهنجي مؤقف تي ڄمي بيٺو رهيو، پنهنجي ڪردار تي لڳندڙ الزامن کي برداشت ڪندو رهيو ۽ جواب ۾ ائين ڪونه چيائين ته تون چريو آهين، آئون چريو ڪونه آهيان يا منهنجو نه بلڪ تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي، ۽ مخالفن ڏٺو ته هيءَ دعوت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي ۽ ماڻهو داعيءَ جي پُڪار (سڏ) تي جمع ٿي رهيا آهن ته هاڻي زباني ايذائڻ کان ڳالهه اڳيان وڌي، جسماني تشدد ۽ تڪليفن ڏيڻ جي مرحلي جي شروعات ٿي وڃي ٿي. هاڻي فقط داعيءَ جي ذات نه بلڪ انقلابي تحريڪ جا سيئي ڪارڪن ۽ خاص ڪري ڪمزور ماڻهو ۽ وڏن گهراڻن جا نوجوان به مخالفن جي جسماني تشدد ۽ ايذائن جو نشانو بڻجن ٿا. هاڻي انهن کي ماريو وڃي ٿو، بکيو رکيو وڃي ٿو، گهرن مان ڪڍيو وڃي ٿو، جيلن ۾ پريو وڃي ٿو، انهن کي قتل ڪيو وڃي ٿو، فائرنگ اسڪواڊز جي سامهون بيهاري انهن کي وڏي تعداد ۾ گولين سان اُڏايو وڃي ٿو!

هاڻي هتي ”صبرِ محض“ جي ضرورت آهي ته هن سڄي تشدد کي ڪنهن به جوابي ڪارروائيءَ بغير برداشت ڪيو وڃي. ان ڪري جو شروع ۾ انقلابي تحريڪ جا ڪارڪن تمام ٿورا هوندا آهن. جيڪڏهن اُهي به پرتشدد (Voilent) ٿي ويندا ته پوءِ موجوده نظام ۽ اُن جي علمبردارن کي حق آهي ته انهن کي چيپاٽي (ڪُچلي) ختم ڪري ڇڏين. ۽ جيڪڏهن انقلابي ڪارڪن ڪجهه به ڪونه پيا ڪن ۽ ڪابه جوابي ڪارروائي ڪونه پيا ڪن ته انهن کي تشدد جو نشانو ته بڻايو ويندو پر انهن کي چيپاٽي ڪونه سگهندا. اهڙيءَ طرح انهن کي هڪ قسم جي مهلت ملي ويندي ته جيئن هو وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پنهنجي دعوت پهچائي سگهن ۽ پنهنجي تنظيمي مرڪز کي گهٽي کان گهڻو وسيع

ڪري سگهن. اُهي موجوده نظام سان سڌو سنئون ٽڪراءُ تڏهن ئي ڪري سگهندا جڏهن انهن وٽ طاقت هوندي. ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اجان هُنن کي وقت کپي جنهن کي آئون ”To Buy Time“ (مهلت حاصل ڪرڻ) چوندو آهيان. تنهنڪري اُنهن کي هن وقت پنهنجي بچاءُ ۽ تحفظ لاءِ به هٿ نہ ڪڍڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هڪ انتهائي اهم نتيجو اِهو نڪرندو تہ انقلابي ڪارڪنن کي عوام الناس جون همدرديون حاصل ٿي وينديون. ڏسو معاشري ۾ جتي چوڌري، سردار، وڏيرا، سرمائيدار ۽ جاگيردار آهن اُتي ئي عوام بہ آهي. چوڌري، سردار، وڏيرا، سرمائيدار ۽ جاگيردار تہ اهو سمجهندا آهن تہ هيءَ اسان جي خلاف انقلاب جي جدوجهد ٿي رهي آهي، جڏهن تہ عوام ائين نہ سمجهي رهيو هوندو آهي. پر انهن ۾ انقلابين سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهڻ جي همت نہ هوندي آهي. اُهي انقلابين جي حمايت ۾ ڳالهائي بہ نہ سگهندا آهن. انهن کي ئي اسين خاموش اڪثريت (Silent Majority) چوندا آهيون. عوام جي اڪثريت خاموش هوندي آهي پر اهي انڌا ۽ گونگا تہ ڪونہ هوندا آهن. اُهي ڏسندا پيا آهن تہ ڇا ٿي رهيو آهي، انهن انقلابين کي ڇو پيو ماريو وڃي، ڇو پيو قتل ڪيو وڃي، ڇو انهن جا گهر بمن ۽ بارود سان اُڏايا پيا وڃن، ڇو انهن جا پوري جا پورا خاندان تڪليفن ۾ وِڌا پيا وڃن! — هو سوچين ٿا تہ آخر هنن انقلابين جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ انهن نہ ڪا چوري ڪئي آهي ۽ نہ ئي ڪا لُٽ مار ڪئي آهي. هي تہ رڳو هڪ نظريي تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري مان ظلم، ناانصافي ۽ استحصال (Exploitation) جو خاتمو ڪرڻ چاهين ٿا. عوام محسوس ڪرڻ لڳي ٿو تہ واقعي انهن تي ظلم ٿي رهيو آهي. تنهنڪري اندر ئي اندر ۾ عوام جون همدرديون انهن انقلابين جي لاءِ وڌنديون رهنديون آهن. ڇڻ تہ: ”جو دلوں کو فتح کرلے وہی فاتح زمانہ!“

### 5) راست اقدام (Active Resistance)

انقلابي جدوجهد جو پنجون مرحلو اقدام يعني پيش قدمي ۽ اڳرائي جو آهي. هي انتهائي نازڪ فيصلي جو وقت آهي ۽ تحريڪ جي اڳواڻن ۽ قيادت جي ذهانت جو امتحان آهي. هن مرحلي جي لاءِ مناسب وقت ڏسي پيش قدمي ڪرڻ تمام ضروري آهي. جيڪڏهن توهان جي تياري مڪمل نہ آهي ۽ توهان پيش قدمي ڪري ڇڏي تہ توهان ختم ٿي ويندائو. ٻئي پاسي جيڪڏهن تياري مڪمل هجڻ جي باوجود پيش قدمي ۾ دير ڪري ڇڏي تہ توهان اهو موقعو وڃائي ڇڏيو. You have missed the bus- مطلب تہ جيڪڏهن توهان موقعو وڃائي ڇڏيو تڏهن بہ توهان ناڪام ٿي ويائو ۽ جيڪڏهن وقت کان اڳيئي پيش قدمي ڪئي تڏهن بہ توهان ناڪام ٿي ويندائو. اقدام جو فيصلو ان وقت ڪرڻ کپي جڏهن: (1) اهو محسوس ٿئي تہ هاڻي اسان جي تعداد ڪافي آهي. ”ڪافي“ جو مطلب مختلف حالتن ۾ مختلف ٿيندو، هڪ ننڍڙو ملڪ جنهن ۾ هڪ ڪروڙ جي آبادي آهي، اُتي جي لاءِ شايد پنجاهہ هزار تربيت يافتہ ماڻهو تيار ٿي وڃن تہ اُهي بہ ڪافي ٿي ويندا، جڏهن تہ پندرهن ڪروڙ جي آباديءَ جي ملڪ ۾ ٿي چار لک مڪمل تربيت يافتہ ماڻهو گهربل آهن. (2) ٻيو اِهو تہ انهن ۾ ڊسيپلين جي پوري پابندي هجي. اُهي Listen And Obey جي اصول جا عادي ۽ مجڻ وارا ٿي ويا هجن تہ جڏهن انهن کي هلڻ جو حڪم ڏجي تہ هو حرڪت ڪن ۽ جڏهن چئجي تہ رڪجي وڃو تہ بيهي رهن. اهڙا انقلابي نہ هجن جن کي پهرين هلڻ جو چئجي تہ هلن ئي نہ ۽ جي وري هلڻ شروع ڪن تہ پوءِ بيهڻ جو نالو ئي نہ وٺن! مالاڪنڊ ۾ صوفي محمد صاحب جي جيڪا تحريڪ ”نفاذِ شريعت“ هلي هئي ان ۾ قائد حڪم ئي ڪونہ ڏنو هو ۽ گوليون هلڻ شروع ٿي ويون هيون. پوءِ ان جي ڪارڪنن جبلن تي وڃي مورچا ناهي ڇڏيا هئا. جڏهن انهن جي قائد انهن کي جبلن تان هيٺ لهڻ جو حڪم ڏنو تہ اُتان ڪونہ لٿا ۽ چيائون ”مولوي وِڪجي ويو آهي.“ دراصل اها منظم جماعت نہ هئي،

اُن ۾ ڊسيپلين ڪونہ هو. اِهو فقط هڪ هجوم (mob) هو جيڪو هڪ جذباتي اپيل تي اڳيان اچي ويو هو. (3) هن سلسلي ۾ ٽيون شرط هيءُ آهي تہ انقلابي ڪارڪُنَ پنهنجي مشن جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال سميت هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هجن. جڏهن هي ٽيئي شرط پورا هجن تہ پوءِ هيءَ تحريڪ صبرِ محض (Passive Resistance) مان راست اقدام (Active Resistance) جي مرحلي ۾ منتقل ٿي سگهندي.

هاڻي هيءَ ڳالهہ سمجهجي تہ راست اقدام (Active Resistance) مان ڇا مراد آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ آئون ٻاهريان مثال ڏيندس. اجان آئون حضور ڪريم ﷺ جن جي پاڪ سيرت مان ڪوبہ مثال ڪونہ ڏيندس. ان ڪري تہ جيئن توهان پهرين جديد اصطلاحن جي حوالي سان هڪ خاڪو پنهنجي ذهن ۾ ويهاريو ۽ پوءِ اسين اُن خاڪي ۾ سيرتِ نبوي ﷺ سان رنگ پريندا سين. واضح رهي تہ منهنجي دعوىٰ هيءَ آهي تہ انقلاب جي طريقي کي سمجهڻ لاءِ منهنجي اڳيان حضور ڪريم ﷺ جن جي سيرت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ذريعو ڪونهي.— راست اقدام (Active Resisrance) هي آهي تہ توهان هلندڙ نظام جي ڪنهن ڏُکندڙ رڳ کي ڇيڙيو، اجان توهان براهہ راست انهن کي ڪابہ چيلينج يا ڌمڪي ڪونہ ڏني آهي فقط ڪنهن ڏُکندڙ رڳ کي ڇيڙيو آهي. مثال طور: گانڌيءَ انگريز حڪمرانن جي خلاف سڀ کان پهرين ”عدم تشدد عدم تعاون“ جو نعرو هنيو هو يعني اسين تشدد ڪونہ ڪنداسين، جهيڙو جهڳڙو بہ ڪونہ ڪنداسين پر اسين انگلينڊ جي مِلين (ڪارخانن) جو نهيل ڪپڙو استعمال ڪونہ ڪنداسين. اسين تہ پنهنجو چرخو هلائيندا سين، ان تي سُٽ ڪتيندا سين ۽ کاڌِيءَ جو ڪپڙو ناهيندا سين ۽ ان کي پائيندا سين. چرخي کي انهن پنهنجو قومي نشان بڻائي ڇڏيو هو- ٿورو غور ڪريو تہ ويهين صديءَ ۾ هڪ قوم ۽ ان جي هڪ جماعت چرخي کي پنهنجو قومي نشان بڻائي رهي آهي. هاڻي ٻڌايو تہ

چا اهڙو ڪو قانون ٽي سگهي ٿو جنهن ۾ چيو وڃي تہ توهان ڪي لازمًا وِلايتي ڪپڙو پائڻو آهي؟ ڇا انهن ڪنهن ٻئي کي ڪوبہ نقصان پهچايو؟ انهن ڪنهن کي بہ جاني يا مالي نقصان ڪونہ پهچايو پر انهن جي هن عمل جي ڪري انگريزي حڪومت جي ايوانن ۾ هلچل مچي وئي، ان ڪري جو مانچسٽر جون مِليون بند ٿيڻ لڳيون. انڊيا دراصل برطانوي ڪپڙي جي تمام وڏي مارڪيٽ هئي ۽ هتي برطانيا جي لٺي، گرم ڪپڙي ۽ ململ جي تمام گهڻي فروخت هئي. پر هاڻي هتي صرف ”ڪاڏِيءَ“ جو ڪپڙو هلي رهيو هو. هي انگريزن جي خلاف Active Resistance جو پهريون قدم هو. هن سان انگريزن کي خبر پئجي وئي تہ هاڻي ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. هن تحريڪ جو ٻيو قدم عدم تشدد تي ٻڌل سِول نافرمانيءَ جي تحريڪ هو تہ اسين ڪو بہ تشدد ڪونہ ڪنداسين، ڪابہ ڀنج ڊاهہ يا جهيڙو جهٽو ڪونہ ڪنداسين پر قانون جي ڀنجڪڙي ڪنداسين. هن قانوني نافرمانيءَ جو انداز هيئن هو تہ هنن چيو: هيءُ سمنڊ پرماتما (خدا) جو آهي ۽ پرماتما ئي اُن ۾ لوڻ پيدا ڪيو آهي، اسين پرماتما جي سمنڊ مان لوڻ ڪڍڻ وڃون پيا. اسان تہ ڪنهن کي بہ ڪجهہ بہ ڪونہ چيو آهي.— حقيقت ۾ هن جو مطلب اهو ٿيو تہ توهان برطانوي حڪومت جي ٽيڪس پاليسيءَ کي چيلينج ڪيو آهي. ان ڪري جو لوڻ تي ايڪسائيز ڊيوٽي (Excise duty) لاڳو هئي. تنهنڪري سرڪار طرفان ڪارڪنن جي خلاف ايڪشن ٿيو، لاٺي چارج ٿي، وڏن وڏن ليڊرن جا متا ڦاٽا ۽ وڏي پئماني تي جيل ڀريا ويا جڏهن تہ آزاديءَ جي تحريڪ جي ڪارڪنن ڪوبہ تشدد ڪونہ ڪيو.

### 6) مصلح تصادم (Armed Conflict)

اقدام ڪان پوءِ ڇهون ۽ آخري مرحلو براهِ راست تصادم (ٽڪراءُ) جو ٿيندو. يعني موجوده نظام ۽ ان جي محافظن سان انقلابي ڪارڪنن جو باقاعده جسماني (Physical) تصادم ٿيندو. ڇو تہ Active Resistance شروع ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ ڄڻ توهان پوري نظام کي سڏو

سنئون چيلينج ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري هاڻي موجوده استحصالي نظام انقلابي تحريڪ جي ڪارڪنن کي پوريءَ طرح ختم ڪرڻ لاءِ اقدام ڪندو. هن مرحلي تي انقلابي تحريڪ جو امتحان ٿيندو. جيڪڏهن انقلاب جي لاءِ تياري نيڪ طرح سان ڪئي هئي، ڪارڪنن جي تنظيم ۽ تربيت صحيح طريقي تي ڪئي وئي هئي، صحيح وقت تي اقدام جو فيصلو ڪيو هو ته هيءَ تحريڪ ڪامياب ٿي ويندي. ۽ جيڪڏهن بغير تياريءَ جي ئي اقدام ڪري ڇڏيو، ۽ اجان انقلابي ڪارڪنن جو گهربل تعداد ئي موجود ڪونه هو، نه انهن جي تربيت پوري ٿي هئي ۽ نه ئي هو Listen and obey جا صحيح طرح عادي هئا ته پوءِ اِها تحريڪ لازمًا ناڪام ٿي ويندي. مطلب ته تصادم جي هن مرحلي کان پوءِ يا تخت ملندو يا وري تختو ملندو، ٻي ڪا وچ واري ڳالهه نه ٿيندي. هن تصادم جون گهڻيون ئي شڪليون ٿي سگهن ٿيون جيڪي آئون اڳيان هلي بيان ڪندس.

انقلاب جي طريقي جي متعلق هيسيتائين جيڪو ڪجهه مون عرض ڪيو آهي ان کي جيڪڏهن شاعري جي انداز ۾ سمجهڻ چاهيو ته علامه اقبال جي هڪ فارسي شعر سان سمجهي سگهجي ٿو:

گفتند جہانِ ما آیا بہ تو می سازد؟
گفتم کہ نمی سازد ، گفتند کہ برہم زن!

هن شعر ۾ علامه اقبال الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ سان هڪ گفتگو بيان ڪري رهيو آهي. علامه چوي ٿو ته: الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ مونکي چيو، اي اقبال! مون توکي جنهن دنيا ۾ موڪليو آهي ڇا اُها توسان سازگار آهي؟ ڇا اها توکي پسند آهي؟ مون جواب ڏنو: نه، مونکي پسند ڪونهي! هتي ظلم آهي، هتي غريب کي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيٺو پيو وڃي. هتي سرمائيدار مزدورن جي رڳن مان رت نچوڙي شراب ناهي پيئي ٿو:

خواجہ از خونِ رگِ مزدور سازد لعلِ ناب

از جفائے دہ خدایاں کشتِ دہقاناں خراب

انقلاب! انقلاب! اے انقلاب!!

يعني سرمائيدار مزدور جو رت نچوڙي شراب ٺاهي رهيو آهي ۽ جاگيردارن جي ظلم ۽ ستم جي ڪري هارين جي پوک خراب ٿي وئي آهي. انهن جا ٻار ٻچا بُکايل آهن ۽ انهن جي پوک مان سندن غذا جو بندوبست به ڪونه پيو ٿئي.— هي علامہ اقبال جو هڪ عظيم نظم آهي جنهن ۾ هن انقلاب جو نعرو هنيو آهي. علامہ اقبال چوي ٿو تہ مون الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ کي چيو تہ: مون کي تنهنجو هي جهان پسند ناهي ۽ هي جهان منهنجي لاءِ سازگار ناهي تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ فرمايو: ”برہم زن!“ يعني ان کي ٽوڙي ڦوڙي ڇڏ، درهم برهم ڪري ڇڏ! هتي انقلاب برپا ڪري ڇڏ!!

هاڻي هن انقلاب کي برپا ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو هجي؟ ان کي علامہ اقبال ٻن مصرعن ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي. پهرئين مصرع ۾ چار مرحلا ۽ ٻئي ۾ بہ مرحلا بيان ڪيا آهن:

با نشۂ درویشی در ساز و دمادم زن

چوں پختہ شوی خود را بر سلطنتِ جم زن!

مطلب تہ پهرين درويشيءَ جي روش اختيار ڪريو ۽ دعوت ۽ تبليغ جي ڪم ۾ لڳا پيا هجو. ڪير توهان کي چريو چوي يا گاريون ڏئي تہ ان کي جواب ۾ دعا ڏيو. اِها ئي درويشي آهي. جڏهن تہ ٻڌ مت جا ڀڪشو ٿيو وينا آهن، ماريو پيو وڃي تہ بہ ڪو جواب ڪونہ پيا ڏين.— ۽ جڏهن تيار ٿي وڃو يعني تعداد بہ ڪافي ٿي وڃي، ٽريننگ بہ صحيح ٿي وئي هجي، ڊسيپلين جا بہ پابند ٿي ويا هجو ۽ هر شيء قربان ڪرڻ لاءِ تيار هجو تہ هاڻي پنهنجو پاڻ کي باطل نظام سان ٽڪرائي ڇڏيو. ٽڪراء کان بغير انقلاب نٿو اچي سگهي. صرف وعظ و نصيحت سان انقلاب نہ ايندا آهن. انهيء ٽڪراء ۾ جانيون بہ ڏيڻيون پونديون ۽ خون بہ ڏيڻو

پوندو. آرام سان گهر ويٺي انقلاب نہ ايندا آهن.— هي ڇهہ مرحلا آهن جيڪي مون واضح ڪيا آهن. اُهي ڪنهن بہ ملڪ لاءِ انقلاب جي تڪميل جا مرحلا آهن.

### 7) انقلاب جي برآمدگي (Export of Revolution)

مٿي ذڪر ڪيل ڇهن مرحلن کان پوءِ انقلاب جو هڪ ستون مرحلو بہ آهي ۽ هي مرحلو هڪ حقيقي انقلاب جي لاءِ لٽمس ٽيسٽ (Litmus Test) آهي. ڪوبہ حقيقي انقلاب پنهنجي جاگرافيائي حدن يا قومي يا ملڪي ۽ حڪومتي سرحدن جي اندر محدود نہ رهندو آهي، ڇو تہ جيڪڏهن انقلابي نظريو زوردار، مضبوط، مدلل ۽ واضح آهي تہ اُهو ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن کي پنهنجي گرفت ۾ لازمًا وٺندو. تنهنجي ڪري حقيقي انقلاب لازمًا پنهنجين سرحدن مان ٻاهر نڪرندو يعني Export ٿيندو آهي، اهو پنهنجن حدن ۾ نٿو رهي سگهي.

هي انقلابي عمل جو اهو خاڪو آهي جيڪو مون سيرت نبوي ﷺ مان اخذ ڪيو آهي. مون هي خاڪو ديني اصطلاحن کان هٽِي ڪري بلڪل عام انداز ۾ توهان جي سامهون بيان ڪيو آهي. هاڻي اسين ان خاڪي ۾ سيرتِ نبوي ﷺ ۽ انقلابِ نبوي ﷺ جو رنگ ڀريون ٿا.

## نبي ڪريم ﷺ جو انقلابي نظريو ۽ ان جا تقاضا

نبي ڪريم ﷺ جن جو انقلابي نظريو ڪهڙو آهي؟ هڪ لفظ ۾ بيان ڪجي تہ اهو ”توحيد“ آهي جنهنجي باري ۾ علامہ اقبال چوي ٿو:

زندہ قوت تھی زمانے میں یہ توحید کبھی
اور اب کیا ہے، فقط اک مسئلہ علمِ کلام!

جيڪو ڪڏهن هڪ انقلابي نظريو هو، اڄ اُهو فقط مذهبي بحثن ۽ مناظرن جو موضوع ٿي ويو آهي.— اڄو تہ هن نظريي جي انقلابي نتيجن ۽ لِڪيل حڪمتن تي هڪ نظر وجهون.

### 1) انساني حاڪميت جي بدران خلافت

مون عرض ڪيو هو تہ انقلابي نظريي جي سڀ کان پهرين خصوصيت هيءَ هجڻ گهرجي تہ هو موجوده وقت جي نظام جي پاڙُن تي ڪُهاڙو تي وار ڪري. توحيد جي نظريي ۾ شامل شين ۾ سڀ کان پهرين شيء الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي حاڪميت آهي. الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ڌرتيءَ تي نہ ئي ڪو انسان حاڪم آهي ۽ نہ ئي ڪا قوم حاڪم آهي:

﴿إِنِ الْحُكْمُ إِلَّا لِلّٰهِ﴾ (الانعام: 57، يوسف: 40، 67)

سروری زیبا فقط اُس ذاتِ بے ہمتا کو ہے
حکمراں ہے اک وہی، باقی بتانِ آزری!

توحيد جو نظريو انساني حاڪميت جو هر طرح سان انڪار ۽ نفي ڪري ٿو. نہ هڪ فرد جي بادشاهت قابل قبول آهي ۽ نہ ئي هڪ قوم جي ٻي قوم تي حاڪميت قابل قبول آهي، جيئن انگريز اسان تي حڪمران ٿي وينا هئا، ۽ نہ ئي عوام جي حاڪميت جائز آهي. حاڪميت (Sovereignty) جو حق صرف الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو آهي ۽ انسان جي لاءِ خلافت آهي. حاڪميت جون ٻيون سڀئي شڪليون شرڪ آهن ۽ هن دؤر ۾ جمهوري حاڪميت (Popular Sovereignty) جو تصور تہ بد ترين شرڪ آهي. شارع (قانون ساز) فقط الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ذات آهي ۽ رسول الله ﷺ جن ان جا نمائندا آهن.— هاڻي ٻڌايو تہ اُن کان وڏو ڪو ٻيو انقلابي نعرو ٿي سگهي ٿو؟ هي انقلابي نعرو سياسي نظام جي پاڙن تي ڪُهاڙو تي ڪِري ٿو.

## 2) ملڪيت جي بدران امانت

توحيد جو ٻيو تقاضو هيءُ آهي تہ هر شيء جو حقيقي مالڪ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ آهي. ڪو بہ شخص ڪنهن بہ شيء جو مالڪ نہ آهي، نہ انفرادي طور تي ۽ نہ ئي قومي طور تي. اهڙيءَ طرح سرمائيداري ۽ ڪميونزم ٻنهي جي نفي ٿي وئي. مالڪ صرف الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ذات آهي:

﴿لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ﴾ (يونس: 68) ”جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ ۽

جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي سڀ انهيءَ جي ملڪيت آهي.“ هر شيءِ جو مالڪ اهو ئي آهي ۽ انسانن وٽ جيڪو ڪجهه آهي اهو امانت آهي.

اين امانت چند روزه نزدِ ماست

در حقيقت مالڪِ هر شے خدا ست!

**(هيءَ ڪجهه ڏينهن جي امانت آهي. اصل ۾ هر شيءِ جو مالڪ الله آهي)**

آئون پنهنجي جسم جو بہ مالڪ نہ آهيان. منهنجو هي جسم بہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي ملڪيت آهي، اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ. هي هٿ پير، هي اکيون، هي دماغ سڀ ڪجهه مون وٽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي امانت آهي. اُن مونکي جيڪو گهر ڏنو آهي اُهو بہ اُنهيءَ جي امانت آهي ۽ جيڪو اولاد ڏنو آهي اُهو بہ اُنهيءَ جي امانت آهي. تنهنڪري ڪُل ملڪيت اُنهيءَ جي ئي آهي. اسين نہ ان جا مالڪ آهيون ۽ نہ ئي اسان وٽ ڪو اختيار آهي جو جيڪو چاهيون سو ڪندا ڦِرون. حضرت شعيب عَلَيۡهِ السَّلَام جي قوم ان کي چيو هو تہ: ﴿يٰشُعَيۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ اَنۡ نَّتۡرُكَ مَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّفۡعَلَ فِیۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا﴾ (هود: 87) ”اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي اِهوئي حڪم ٿي ڏي تہ اسان انهن (معبودن) کي ڇڏي ڏيون جن جي پوڄا اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا؟ يا اسان کي پنهنجي مال و دولت بابت اهو اِختيار ڪونهي تہ جيئن وڻي تيئن ڪريون؟“ سرمائيدار جو مؤقف هيءُ هوندو آهي تہ: هي مال منهنجو آهي، اُن کي جيئن وڻي تيئن خرچ ڪريان. پلي ان سان وياج جو ڪاروبار ڪريان يا ڪنهن کي وياج تي قرض ڏيان. ان ڪري جو هُو پنهنجو پاڻ کي ملڪيت جو مالڪ سمجهندو آهي. اِهو ئي ڪيپيٽلزم آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي امين سمجهندائو تہ توهان جو نقطہ نظر بلڪل مختلف هوندو. پوءِ توهان پنهنجو هٿ بہ اُتي استعمال ڪندائو جتي جي لاءِ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي اجازت آهي. توهان پنهنجن پيرن سان اُن رستي تي ئي هلڻ چاهيندائو جنهن تي الله عَزَّوَجَلَّ

چاهيندو. توهان جو مال بہ اُتي ئي خرچ ٿيندو جتي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ چاهيندو.

### 3) ڪامل معاشرتي مساوات

معاشرتي سطح تي توحيد جو تقاضو هيءُ آهي تہ بنيادي طور تي ۽ پيدائشي طور تي سڀئي انسان برابر آهن. ڪير بہ مٿانهون يا هيٺانهون ڪونهي، سڀ برابر آهن. ان حوالي سان ايڇ جي ويلز جي گواهي آئون توهان کي ٻڌائي چڪو آهيان جنهن چيو هو تہ: ”انساني ڀائيچاري، برابري ۽ آزاديءَ جا وعظ تہ پهرين بہ گهڻا ئي ڪيا ويا هئا پر حقيقت ۾ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انهن بنيادن تي محمد (ﷺ) ئي هڪ معاشرو قائم ڪيو.“ اسلامي معاشري ۾ جيڪڏهن ڪا هيٺ مٿانهين آهي تہ اها پنهنجو پاڻ حاصل ڪيل خصوصيتن جي بنياد تي آهي. مثال طور جيڪڏهن توهان علم حاصل ڪندائو تہ توهان جو مقام مٿانهون ٿي ويندو ۽ توهان جي عزت ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح توهان تقوىٰ جو رستو اختيار ڪندائو ۽ روحاني مقام حاصل ڪندائو تہ معاشري ۾ توهان جي عزت ڪئي ويندي: ﴿إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِندَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ﴾ (حجرات:13) ”بيشڪ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽ توهان سڀني ۾ وڌيڪ عزت وارو اُهو آهي جيڪو توهان سڀني ۾ وڌيڪ متقي (پرهيزگار) آهي.“ پيدائشي طور تي سڀئي انسان برابر آهن. ڀلي شودر هجي يا برهمڻ، ڪارو هجي يا گورو، مرد هجي يا عورت اُنهن ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. مرد ۽ عورت ۾ بہ فرق صرف انتظامي اعتبار کان آهي. جيئن ڪنهن اداري ۾ هڪڙي انچارج ۽ هڪڙي پٽيوالي ۾ بحيثيت انسان ڪو بہ فرق نہ آهي. پر عهدي جي لحاظ کان اداري جي سربراهہ جو منصب مٿانهون آهي ۽ پٽيوالي جو هيٺانهون آهي. هيءُ فقط انتظامي معاملو آهي.

ڏِٺو وڃي تہ اسان جي پنهنجي قوم ۾ عام طور تي هيءَ مساوات نظر ايندي آهي. اُهي سڀ هڪ جهڙو لباس پائيندا آهن. زميندار هجي يا ان

جو نوڪر، پنهنجي جو لباس هڪ جهڙو هوندو آهي ۽ مانيءَ جي وقت به ٻئي گڏ ويهي ماني کائيندا آهن. اهڙيءَ طرح مون ڏٺو آهي ته عربن ۾ ڪجهه اِها مساوات موجود آهي ۽ لنچ ٽائم (Lunch time) تي هڪ وزير سان گڏ سندس بوّاب (دربان) ۽ سوّاق (ڊرائيور) هڪ ئي ميز تي ويهي ماني کائيندا آهن.— مرد ۽ عورت ۾ به بحيثيت انسان ڪو به فرق ناهي. انهن ۾ صرف انتظامي اعتبار سان فرق آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي: ﴿اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ﴾ (النساء: 34) ”مرد عورتن تي قوّام (حاڪم) آهن.“ يعني مرد کي خاندان جي اداري ۽ نظام ۾ سربراهه جي حيثيت حاصل آهي. پر ان جو هرگز اهو مطلب ڪونهي ته مرد افضل آهي ۽ عورت ڪمتر آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪا عورت پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري ڪروڙين مردن کان مٿانهين ٿي وڃي. ڪيترا ئي مرد اهڙا هوندا جيڪي حضرت مريم، حضرت آسيه، حضرت خديجه، حضرت عائشه ۽ حضرت فاطمه رضی اللہ عنهنّ اجمعين جي مقام ۽ مرتبي کي ائين ڏسندا جيئن آسمان کي ڏسبو آهي.— هي آهن توحيد جي نظريي جا ٽي نتيجا جيڪي موجوده سياسي نظام، معاشي نظام ۽ معاشرتي نظام جي پاڙن کي پٽڻ جي طاقت رکن ٿا. يعني: (1) ڪامل ۽ مطلق حاڪميت الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي لاءِ، (2) ڪامل ۽ مطلق ملڪيت الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی جي لاءِ ۽ (3) ڪامل انساني مساوات.

رسول الله ﷺ جن مڪي جي گهٽين ۾ هن توحيد جي نظريي جي تبليغ ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ماڻهن کي پُڪاريو ته: يَآاَيُّهَا النَّاسُ قُوْلُوْا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ تُفْلِحُوا ”اي انسانو! چئو ته الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰی کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي، توهين ڪامياب ٿي ويندائو.“ ابتدائي دعوت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي رسالت جو ذڪر شامل ڪونه ڪيو بلڪ پورو زور (Emphases) توحيد تي ئي ڏنو. هن انقلابي نظريي جي دعوت ۽ اشاعت جي لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان وقت جا جيڪي به طريقا ۽ ذريعا

موجود هئا، اهي سڀ استعمال ڪيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ هڪ ماڻهوءَ کي انفرادي دعوت به ڏيندا هئا ۽ گهر گهر وڃي دعوت جو ڪم به ڪندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن به پيرا پنهنجي خاندان وارن يعني بنو هاشم کي مانيءَ جي دعوت ڏيئي گهرايو ۽ انهن جي سامهون توحيد جي دعوت رکي. پهرين ڀيري ته ماڻهن ڳالهه ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي ۽ وڏو گوڙ ڪيو. ٻئي ڀيري ڳالهه ته ٻڌائون پر ڪو جواب ڪونه ڏنائون. سيئي ائين خاموش وينا هئا ڄڻڪ ڪو نانگ سونگهي ويو هجين. انهن مان صرف حضرت علي رضي الله عنه جن اُٿي بيٺا جيڪي ٻهريان ئي ايمان آڻي چڪا هئا. انهن چيو ته ”جيتوڻيڪ منهنجون ٽنگون سنهڙيون آهن، ۽ آئون سيني ۾ ننڍڙو آهيان، ۽ منهنجيون اکيون به ڏکن ٿيون، پر تڏهن به آئون توهان جو ساٿ ڏيندس.“ هيءَ ڳالهه ٻڌي سڀني مجموعي وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا ۽ چوڻ لڳا ته: هي هليو آهي انقلاب آڻڻ ۽ هي آهن هِن جا ساٿي.— وري پاڻ ڪريم ﷺ جن کي حڪم ٿيو ته: ﴿فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ﴾ (الحجر: 94) ”(اي نبي ﷺ!) جنهن شيء جو توهان کي حڪم ڏنو ويو آهي ان کي وڏي واڪي (کولي) ٻڌايو ۽ مشرڪن جي ڪابه پرواه نه ڪريو.“ ته پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪوه صفا تي چڙهي ”واصباحا“ جو نعرو هنيو ۽ ظاهر ظهور دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. پاڻ ﷺ جن مڪي جي بازار ”عڪاظ“ ۾ ۽ ٻين ميلن ۾ به وڃي دعوت ڏني. اهڙيءَ طرح حج جي لاءِ ايندڙ ماڻهن ۽ اجتماعن کي به وڃي دعوت ڏني. مطلب ته جيڪو به طريقو ان وقت ممڪن هو ان کي استعمال ڪيائون. ان وقت لائوڊ اسپيڪر يا ٽيليويزن (T.V) ته ڪونه هئا ۽ نه ئي اليڪٽرانڪ يا پرنٽ ميڊيا موجود هئي. نه ڇپائيءَ جا ادارا هئا ۽ نه ئي اخبارون يا رسالا هئا، پر جيڪي به ذريعا ۽ وسيلا ان وقت موجود هئا انهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن استعمال ڪيو.

# اسلامي انقلابي تنظيم ۽ ان جون بنيادون

دعوت جي نتيجي ۾ جن ماڻهن پاڻ ڪريم ﷺ جن تي ايمان آندو اُنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن منظم ڪيو ۽ انهن جي تربيت ڪئي. هن تنظيم جي سڀ کان پهرين بنياد ”نبوت“ هئي. جن جن ماڻهن هي مڃي ڇڏيو ته: ”پاڻ ڪريم ﷺ جن الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جا نبي آهن، پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪو ڪجهه چئي رهيا آهن اهو دراصل الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي طرفان آهي، انهن جو پنهنجو قول نه آهي ۽ اهو سڀ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي طرفان وحي ٿيل آهي“، ته پوء انهن ايمان آڻيندڙ ماڻهن جي لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو. ڇا نبيءَ جي ڳالهه سان به اختلاف ڪري سگهجي ٿو؟ اُن کان وڌيڪ مضبوط ترين جماعت جو تصور به ممڪن ڪونهي جيڪا نبوت جي بنياد تي قائم ٿي هجي. سچي نبوت ته تنظيم جي تمام وڏي بنياد آهي، پر ڏٺو وڃي ته ڪوڙي نبوت به تنظيم جي وڏي بنياد آهي! غلام احمد قادياني جي ڪوڙي نبوت جي بنياد تي جيڪا جماعت آهي، ٿورو اُن جو اندازو لڳايو ته اُها ڪٿان کان ڪٿي وڃي پهتي آهي. ۽ ان جو جيڪو لاهوري فرقو هو جنهن غلام احمد قادياني کي نبي ڪونه مڃيو هو، اهو منتشر ٿي ختم ٿي ويو. مطلب ته دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا مضبوط ترين جماعت ٿي سگهي ٿي ته اُها نبوت جي دعوىٰ جي بنياد تي ئي ممڪن آهي. تنهنڪري محمد رسول الله ﷺ جن جي سچي ۽ آخري نبوت جي بنياد تي جيڪا جماعت نهي، اها دنيا جي مضبوط ترين جماعت هئي جنهن جي باري ۾ قرآن حڪيم ۾ فرمايو ويو آهي ته: ﴿مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ﴾ (الفتح: 29) ”الله جو رسول محمد ﷺ ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ آهن.“ هن جماعت ۾ ڪنهن به رسول ڪريم ﷺ جن کي جماعت جو صدر منتخب ڪونه ڪيو هو بلڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن نبي هجڻ جي حيثيت سان ۽ داعي هجڻ جي حيثيت سان

خود بخود امير هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن جا ساٿي ”سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا“ (اسان ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي) جي اصول تحت سندن هر حڪم ٻڌي اُن مطابق عمل ڪندا هئا. جيئن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن آخري نبي آهن، انهن ڪان پوءِ ٻيو ڪوبه نبي ڪونه ايندو، تنهنڪري پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن جي مستقبل جي رهنمائيءَ لاءِ ته آئينده جيڪڏهن مسلمانن هن انقلابي جدوجهد جو آغاز ڪيو ته اُن جي لاءِ جماعت ڪهڙي بنياد تي ٺهندي، انهن ”بيعت“ جو سلسو شروع ڪري ڇڏيو.

حضرت عباده بن صامت رضي الله عنه ڪان مروي هڪ حديث بخاري ۽ مسلم ۾ موجود آهي جنهن ۾ هو فرمائن ٿا ته: بَايَعْنَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ ”اسان الله جي رسول ﷺ سان بيعت ڪئي“ عَلَى السَّمْعِ وَالطَّاعَةِ ”ان ڳالهه تي ته اسان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هر حڪم ٻڌنداسين ۽ ان جي اطاعت ڪنداسين“ فِي الْعُسْرِ وَالْيُسْرِ ”تنگيءِ ۽ سختيءِ ۾ به ۽ آسانيءِ ۾ به“ وَالْمَنْشَطِ وَالْمَكْرَهِ ”يلي اسان جي طبيعت راضي هجي يا اُن تي جبر ڪرڻو پوي“ وَعَلٰى اَثَرَةٍ عَلَيْنَا ”۽ يلي پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻين کي اسان تي ترجيح ڏين“ اسين ائين ڪونه چونداسين ته توهان هڪ نئين آيل نوجوان کي اسان تي امير چو ڪيو آهي؟ اسين ته توهان جا پراڻا خدمت گذار ۽ جان نثار ساٿي آهيون، اسان جي مٿان هن نوجوان کي چو امير ڪيو اٿو؟- پاڻ ڪريم ﷺ وٽ پورو اختيار هوندو ته هو جيئن چاهين تيئن ڪن. وَعَلٰى اَنْ لَّا نُنَازِعَ الْاَمْرَ اَهْلَهٗ ”۽ جنهن کي به پاڻ ڪريم ﷺ جن امير مقرر ڪن ان سان جهڳڙو ڪونه ڪنداسين“ وَعَلٰى اَنْ نَّقُوْلَ بِالْحَقِّ اَيْنَمَا كُنَّا لَا نَخَافُ فِي اللّٰهِ لَوْمَةَ لَائِمٍ ”۽ جتي به هونداسين حق جي ڳالهه ضرور ڪنداسين، الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي معاملي ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جو ڊپ ڪونه ڪنداسين.“ اسان جي جيڪا به راءِ هوندي يا اسان جي نظر ۾ جيڪا حق جي ڳالهه هوندي اُها ضرور چونداسين. ماڻهن

جي خوف کان پنهنجيون زبانون بند ڪونہ ڪنداسين تہ ماڻهو ڇا چوندا.
هيءَ آهي آرگنائيزيشن جي ٻي بنياد. توهان پاڻ سوچيو تہ ڇا پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بيعت وٺڻ جي ضرورت هئي؟ ڇا پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ سندن مٿان ايمان آڻڻ ڪافي نہ هو؟ جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ: ﴿وَ مَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذۡنِ اللّٰهِ﴾ (النساء:64) ”اسان جيڪو بہ رسول موڪليو آهي سو فقط هن لاءِ تہ الله جي حڪم سان سندس اطاعت (فرمانبرداري) ڪئي وڃي“. اُن جي باوجود پاڻ ڪريم ﷺ جن بيعت ورتي تہ جيئن آئينده جي لاءِ رهنمائي ٿي سگهي.

غزوه بدر کان پهرين پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ مجلسِ مشاورت منعقد ڪئي هئي جنهن ۾ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ: قريش جو هڪ تجارتي مال سان ڀريل قافلو اُتر کان اچي رهيو آهي جنهن سان ڳڻ صرف چاليهہ يا پنجاهہ محافظ آهن. جڏهن تہ هٿيارن سان ڀريل هڪ مسلح لشڪر ڏکڻ کان اچي رهيو آهي ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وعدو ڪيو آهي تہ انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ تي ضرور فتح عطا فرمائيندو. هاڻي ٻڌايو تہ ڪيڏانهن هلون؟ ڪجهہ اسان جهڙا ڪمزور ماڻهو بہ موجود هئا جن چيو تہ حضور! قافلي واري پاسي هلو، ٿورڙا ماڻهو آهن انهن تي اسين آسانيءَ سان غالب ٿي وينداسين، مالِ غنيمت بہ گهڻو هٿ اچي ويندو ۽ هٿيار بہ ملي ويندا جن جي اسان کي هن وقت تمام گهڻي ضرورت آهي. پر پاڻ ڪريم ﷺ جن وڌيڪ مشورا وٺندا رهيا. ان دوران اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي اندازو ٿي ويو تہ دراصل پاڻ ڪريم ﷺ جن جو طبعي رجحان ڪجهہ ٻيو آهي. تنهنڪري پهرين مهاجر صحابين رضي الله عنهم تقريرون ڪيون تہ حضور ﷺ! توهان اسان کان ڇا ٿا پڇو، جيڪو توهان جو حڪم هجي اسين حاضر آهيون. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه بہ تقريرون ڪيون پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪو خاص توجهہ ڪونہ ڏنو. ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ پاڻ ڪريم ﷺ

جن ڪنهن خاص ڳالهه جي انتظار ۾ هئا. مهاجرن مان ئي حضرت مقداد بن اسود رضي الله عنه اتي بيٺا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته ”حضور صلي الله عليه وسلم! جيڪو به توهان جو ارادو هجي توهان بسم الله ڪريو، اسان ڪي حضرت موسىٰ عليه السلام جي ساٿين وانگر نه سمجهو جن پنهنجي نبيءَ کي هي جواب ڏنو هو ته: اي موسىٰ عليه السلام توهان ۽ توهان جو رب وڃي جنگ ڪريو، اسين ته هتي ويٺا آهيون.“ پر پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اڃان به انتظار جي ڪيفيت ۾ هئا. حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه جيڪي انصاري صحابي آهن، انهن کي اندازو ٿي ويو ته دراصل رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ڳالهه جو رُخ انصار ڏانهن آهي. اصل ۾ بيعت عقبه ثانيه ۾ هي فيصلو ٿيو هو ته جيڪڏهن قريش وارن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو پيڇو ڪندي مديني تي اچي حملو ڪيو ته انصاري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي اهڙيءَ طرح حفاظت ڪندا جيئن هو پنهنجي گهر وارن جي حفاظت ڪندا آهن. پر صورت حال هيئن هُئي جو قريش وارن مديني تي حملو ڪونه ڪيو هو بلڪ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خود ٻاهر نڪري تصادم (ٽڪراءُ) جو آغاز ڪري چڪا هئا. تنهنڪري انصار اُن معاهدي جي مطابق مديني کان ٻاهر نڪري جنگ ڪرڻ لاءِ پابند نه هئا. حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه کي هڪدم خيال آيو ته دراصل پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اسان جي حمايت جا ئي منتظر آهن. انهيءَ ڪري حضرت سعد رضي الله عنه اتي بيٺا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته: ”اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم! لڳي ٿو ته توهان جو اشارو اسان ڏانهن آهي.“ فَاِنَّا آمَنَّا بِكَ وَصَدَّقْنَاكَ ”حضور صلي الله عليه وسلم! اسين توهان تي ايمان آڻي چڪا آهيون ۽ اسان توهان جي تصديق ڪئي آهي.“ اسان توهان کي الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جو نبي ۽ رسول مڃيو آهي. هاڻي اسان جو ڪوبه اختيار ناهي، توهان جيڪو به حڪم ڏيندائو اسين دل و جان سان مڃينداسين! توهان جيڏانهن به اسان کي وٺي هلو اسين هلنداسين. جيڪڏهن توهان اسان کي پنهنجيون سواريون سمنڊ ۾ لاهڻ جو حڪم ڏيندائو ته اسين

پنهنجين سوارين کي سمنڊ ۾ لاهي ڇڏيندا سين! ڪهڙي خبر الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي اسان جي ذريعي اکين جي ٺڏاڻ عطا فرمائي!

مطلب تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ڪنهن جي بہ بيعت جي ضرورت ڪونہ هئي. اُهي تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جا نبي ۽ رسول هجڻ جي حيثيت سان مطاع (جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي) هئا. پر ان جي باوجود پاڻ ڪريم ﷺ جن بيعت ورتي تہ جيئن آئينده ڪوبہ مسلمان جماعت ٺاهڻ لاءِ انگريزن، روسين، يا جرمنيءَ وارن کان ڪو طريقو نہ وٺي بلڪ جماعت ٺاهڻ لاءِ اُها ئي بنياد اختيار ڪري جيڪا پاڻ ﷺ جن ڇڏي ويا آهن.

## انقلابي تربيت جو نبوي ﷺ طريقو

تربيت جي لاءِ مون چار عنوان مقرر ڪيا هئا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) پهريون هي تہ انقلابي فڪر هر وقت ذهن ۾ حاضر رهي. رسول الله ﷺ جن جي انقلابي فڪر جو منبع ۽ سرچشمو (ذريعو) قرآن مجيد هو. ۽ هاڻي نبوي طريقي تي جيڪا بہ دعوت اُٿندي ان جو منبع ۽ سرچشمو بہ هي قرآن مجيد ئي هوندو. تنهنڪري انهيءَ کي پڙهندا رهو تہ جيئن توهان جو فڪر تازو رهي. ان جي لاءِ اجتماعي مذاڪرو بہ ڪريو، پاڻ ۾ ملي ويهو ۽ قرآن مجيد پڙهو، پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو. انهيءَ سان ئي توهان جو فڪر ذهن ۾ تازو رهندو.

(2) ٻيو آهي سمع و طاعت — جنهن جو سڀ کان وڏو امتحان هيءُ هو تہ ڀلي توهان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين تہ بہ توهان کي هٿ کڻڻو ناهي. ڏسو هڪ ماڻهوءَ کي جڏهن خبر هجي تہ هن کي ماري ڇڏيندا تہ پوءِ هو Desperate (مايوس) ٿي ٻن ڇئن کي ماري پوءِ مرندو. جيڪڏهن توهان ٻليءَ کي ڪنهن ڪنڊ ۾ سوڙهو ڪندائو ۽ هن کي بہ اندازو ٿي وڃي تہ هن جي لاءِ نڪرڻ جو ڪو بہ رستو ناهي تہ پوءِ هوءَ سڌو توهان جي اکين تي جهپ هڻي حملو ڪندي.— پر هتي پنهنجي بچاء ۽ دفاع لاءِ بہ هٿ کڻڻ جي اجازت ڪونہ هئي. حضرت خباب بن ارتّ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اڱيان برندڙ ٽانڊا وڇايا ويا ۽ ان کي چيو ويو تہ پنهنجو پهراڻ لاهي انهن تي

ليٿي پئو. پاڻ ﷺ برندڙ ٽاندن تي ليٽي پيا. پوءِ جڏهن سندن پٺيءَ جي چمڙي سڙي ۽ سندن چربي ڳري ته ان سان وجي انهن ٽاندن جي تپش ڪجهه جهڪي ٿي. اندازو لڳايو ته جنهن کي اهو نظر اچي رهيو هجي ته هو مونکي ٽاندن تي پُچڻ وارا آهن ۽ ڪباب ٺاهڻ وارا آهن ته اهو لازمًا ٻن چئن کي ماري پوءِ مرندو يا گهٽ ۾ گهٽ هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻڻ جي ته ضرور ڪوشش ڪندو آهي. پر هتي ان جي به اجازت نه هئي.— سمع و طاعت جو ان کان وڌو اظهار ممڪن ئي ڪونهي.

(3) ٽيون هيءُ ته پنهنجو جسم و جان، مال و دولت ۽ اولاد مطلب ته هر شيء الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو. دنيا جي انقلابن ۾ به ته ماڻهن هي سڀ ڪم ڪيا آهن. ڪميونسٽ انقلاب ڪڏهن به نه اچي سگهي ها جيڪڏهن ماڻهو جانيون نه ڏين ها ۽ سڀ سختيون ۽ تڪليفون برداشت نه ڪن ها. پر مسلمان جي لاء پنهنجي جان الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي راهه ۾ پيش ڪرڻ ايترو ته آسان آهي جو ٻين کي ان جو اندازو ئي نٿو ٿي سگهي. ان ڪري جو مسلمان جو ايمان آخرت تي آهي ۽ ان جي اڳيان اصل زندگي آخرت جي ئي آهي. تنهنڪري هو جيڪڏهن پنهنجو سڀ ڪجهه الله جي راهه ۾ لڳائي ڇڏي يا کپائي ڇڏي ته هن کي ڪوبه نقصان نه آهي. هو سوچي ٿو ته مونکي آخرت ۾ ان کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ ٿي ملندو، ست سؤ پيرا ۽ هزار پيرا وڌيڪ ٿي ملندو. تنهنڪري هن معاملي ۾ هن جو ڪوبه نقصان نه آهي. انسان کي جيترو آخرت تي يقين هوندو اوترو ئي هو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي راهه ۾ پنهنجو پاڻ کي لڳائيندو.— هاڻي جيڪڏهن آئون پنهنجا پئسا بينڪ ۾ بچائي رکان ته مونکان وڌيڪ چريو ڪير هوندو؟ هي مونکي وڌ ۾ وڌ ڏهه يا پنڌرهن سيڪڙو نفعو ڏيندا پر الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي بينڪ ته ست سؤ پيرا وڌيڪ نفعو ڏئي ٿي. تنهنڪري هتي جمع ڪري رکڻ يقينًا چريائپ آهي. حضرت مسيح عليه السلام جن چيو هو ته: ”زمين تي جمع نه ڪريو، هتي ڪيڙو به خراب ڪندو آهي، چوري به ٿيندي آهي ۽ ڌاڙو به لڳندو آهي. آسمان

تي جمع ڪريو جتي نہ ڪيڙو خراب ڪري سگهندو، نہ چوري آهي ۽ نہ ئي ڌاڙو آهي. ۽ آئون توهان کي سچ ٿو چوان تہ جتي توهان جو مال هوندو اُتي ئي توهان جي دل بہ هوندي.“ توهان جيڪڏهن پنهنجو مال هتي جمع ڪندائو تہ دل بہ هتي ئي قاتل هوندي. پوءِ جڏهن فرشتا ساهہ ڪڍڻ لاءِ ايندا تہ حسرت ۽ افسوس کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندائو. حديث ۾ آيو آهي تہ فرشتا ائين ساهہ ڪيندا جيئن گرم سِيخ تان ڪباب لاهبو آهي. ۽ جيڪڏهن توهان جو مال الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي بينڪ ۾ جمع آهي تہ توهان جي دل بہ اُتي ئي اٽڪيل هوندي. ۽ جڏهن فرشتو ساهہ ڪڍڻ ايندو تہ توهان جي چپن تي مسڪراهٽ هوندي.

نشانِ مردِ مومن با تو گويم
چو مرگ آيد تبسم بر لبِ اوست !

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن توهان ڪروڙين رپيا سوئيزرليند جي بينڪن ۾ جمع ڪري رکيا هجن ۽ توهان کي چيو وڃي تہ: ملڪ مان نڪري وڃو، تہ توهان کي ڪوبہ افسوس ڪونہ ٿيندو. پر جيڪڏهن ملڪ کان ٻاهر توهان جو ڪجهہ بہ موجود نہ هجي ۽ نہ ئي ڪا سجاٽپ هجي ۽ چيو وڃي تہ نڪري وڃو تہ پوءِ توهان کي يقينًا فڪر ٿيندو.

حقيقت ۾ اِهو آخرت جو ئي عقيدو آهي جيڪو اڄ دنيا کي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي ۽ هُو مسلمانن جي لاءِ چون ٿا تہ هنن کي ڇا ٿي ويو آهي جو جانيون ڏيڻ لاءِ اهڙيءَ طرح تيار آهن. انهن فلسطين، ڪشمير، چيچنيا ۽ افغانستان ۾ مسلمانن جو هي جذبو ڏسي ڇڏيو آهي. هي سڀ آخرت جي عقيدي تي يقين جون نشانيون آهن. هڪ زماني ۾ جڏهن مولانا مودودي ﷫ کي موت جي سزا ملي هئي، اُن وقت آئون اسلامي جميعت طلبه جو ناظم اعلىٰ هئس. مون ”عزم“ جي عنوان تي هيءَ نظم شايع ڪئي هئي ۽ پوءِ مولانا مودودي ﷫ کي جيل ۾ موڪلي هئي:

وہ وقت آیا کہ ہم کو قدرت ہماری سعی و عمل کا پھل دے
بتا رہی ہے یہ ظلمتِ شب کہ صبح نزدیک آ رہی ہے
ابھی ہیں کچھ امتحان باقی ' فلاکتوں کے نشان باقی
قدم نہ پیچھے ہٹیں کہ قسمت ابھی ہمیں آزما رہی ہے
سیاہیوں سے حزیں نہ ہونا غموں سے اندوہ گیں نہ ہونا
انہی کے پردے میں زندگی کی نئی سحر جگمگا رہی ہے
رئیس اہلِ نظر سے کہہ دو کہ آزمائش سے جی نہ ہاریں
جسے سمجھتے تھے آزمائش وہی تو بگڑی بنا رہی ہے !

هي رئيس امروهوي جا شعر هئا مون رئيس جي اضافت سان هي شعر "رئيس اهلِ نظر" جي خدمت ۾ پيش ڪيا.

(4) نبي ڪريم ﷺ جن جي انقلاب ۾ روحاني تربيت ڪي بہ تمام گهڻي اهميت ڏني وئي. روحاني تربيت جا ٻہ حصا آهن. (1) هڪ تہ روحانيت پيدا ڪرڻ جي سڀ کان وڏي ذريعي يعني قرآن مجيد کي دلين ۾ لاٿو ويو. انهيءَ سان دليون منور ڪيون ويون. (2) ٻيو هيءُ تہ نفس جي تقاضن جي مخالفت ڪرائي وئي. ننڊ ڏاڍي پياري هجڻ جي باوجود الله تَبَارَكَ وَتَعَالَى جي راهہ ۾ جاڳڻ جي ترغيب ڏياري وئي ۽ تهجد جي نماز ۾ قرآن مجيد کي پنهنجي اندر ۾ لاهڻ جو حڪم ڏنو ويو:

﴿يَاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۝ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ۝ اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ۝ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْئًا وَّ اَقْوَمُ قِيْلًا ۝﴾ (المزمل: 1- 6)

"اي چادر ڍڪي سمهڻ وارا ﷺ! رات جو نماز ۾ بيهندو ڪر، سواءِ ڪنهن ٿوري وقت جي. رات جو اڌ يا ان مان ڪجهہ گهٽ ڪر. يا اڌ رات کان ڪٽي ڪجهہ وڌاءِ ۽ قرآن

> کي خوب ناهي ناهي پڙهه. هاڻي اسان تنهنجي مٿان تمام
> ڳرو ڪلام نازل ڪرڻ وارا آهيون. بيشڪ رات جو اٿڻ
> نفس تي ضابطو رکڻ لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي ۽ قرآن مجيد
> کي صحيح صحيح پڙهڻ لاءِ به اهو مناسب وقت آهي.“

قرآن ته دراصل نور آهي. هيءُ دلين مان اونداهين کي هٽائي انهن کي منور ۽ روشن ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ۽ رات جو جاڳڻ نفس کي لتاڙڻ ۽ ان کي قابو رکڻ ۾ تمام اثرائتو آهي. تزڪيه نفس جي لاءِ ٽئين شيء جنهن جي ترغيب ڏني وئي آهي، اها الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ آهي.— هيءُ آهي محمد رسول الله ﷺ جن جي انقلابي تربيت جو نظام. اسان وٽ پوءِ جيڪو به خانقاهي نظام وجود ۾ آيو ان ۾ تربيت ۽ تزڪيي جو انداز ۽ طريقو پنهنجو آهي. انهن جا مُراقبا، انهن جا چلا ۽ ذڪر جا طريقا پنهنجا آهن. آئون اُن نظام جي ڳالهه ڪونه پيو ڪريان بلڪ محمد ﷺ جن جي تربيت جي طريقي جي ڳالهه پيو ڪريان. هيءَ اُها انقلابي تربيت آهي جيڪا رسول الله ﷺ جن صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي فرمائي.

## انقلاب نبوي ﷺ ۾ صبرِ محض جو مرحلو

مون عرض ڪيو هو ته صبر محض (Passive Resistance) جي شروعات داعيءَ جي ڪردار ڪشيءَ (Character Assassination) سان ٿيندي آهي ته جيئن ان جي قوتِ اراديءَ (will power) کي ختم ڪيو وڃي. ٽن سالن تائين فقط پاڻ ڪريم ﷺ جن کي انهيءَ تڪليف جو نشانو بڻايو ويو. ۽ اها تڪليف زباني ٿيندي رهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن (نعوذ بالله) چريا ٿي ويا آهن، مجنون ٿي ويا آهن، اسين چوندا هئاسين ته غار حرا نه وڃ ۽ نه ئي اُتي وڃي گهڻا ڏينهن رهندو ڪر، اُتي ضرور ڪنهن آسيب (جن) حملو ڪيو هوندس. ان تي ڪو جن اچي ويو آهي. ڪڏهن چوندا هئا ته شاعري شروع ڪري ڇڏي اٿس يا هي ته جادوگر ٿي ويو آهي يا وري ڪنهن جادوء جي اثر هيٺ اچي ويو آهي. اِهي سيئي پاڻ

ڪريم ﷺ جن جي ڪردار ڪشيءَ جون ۽ سندن قوتِ اراديءَ کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون هيون. حضور ڪريم ﷺ جن کي انهن ڳالهين جو ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. قرآن جي شاهدي آهي ته: ﴿وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ﴾ (الحجر: 97) ”اي نبي ﷺ! اسين ڄاڻون ٿا ته جيڪي ڳالهيون اُهي ڪن ٿا انهن سان تنهنجي ڇاتي گُهٽجي ٿي.“ اسان کي خبر آهي ته هنن جي ڳالهين سان توهان کي صدمو ٿئي ٿو ۽ توهان کي اندر ۾ گُهٽ محسوس ٿئي ٿي ته هي ماڻهو جيڪي مونکي صادق الامين چوندا هئا، اڄ اهي ئي مون کي ساحر ۽ ڪذاب (ڪوڙو) چئي رهيا آهن. منهنجي مٿان دوکي جو الزام هڻي رهيا آهن ته ڪنهن کان ڊڪٽيشن وٺي اسان کي چئي ٿو ته هيءَ الله تَبَارَكَ وَتَعَالٰى جي وحي آهي ۽ اسان تي رعب ويهاري رهيو آهي. پر ان ڪيفيت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي لاءِ هي حڪم هو ته: ﴿وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا﴾ (المزمل: 10) ”۽ توهان انهن جي ڳالهين تي صبر ڪريو ۽ انهن کان سهڻي طريقي سان پاسو ڪندا رهو.“ خوبصورتيءَ سان پنهنجو رُخ موڙيو ۽ انهن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان وڃي ڳالهايو پر انهن کان عليحدگي وڙهي يا جهيڙو ڪري نه ڪريو. ٿي سگهي ٿو ته جيڪو ماڻهو اڄ توهان جي ڳالهه ٻڌڻ لاء تيار ڪونهي اُهو سڀاڻي ٻڌڻ لاءِ آماده ٿي وڃي.

ٽن سالن کان پوء مشرڪن کي محسوس ٿيو ته هي ته جبل وانگر پنهنجي مؤقف تي بيٺو آهي ۽ گڏوگڏ ٻه تمام خطرناڪ معاملا ٿي ويا آهن. هڪ ته اسان جو نوجوان نسل هن جي ارد گرد جمع ٿي رهيو آهي. حضرت عثمان رضي الله عنه حضرت مصعب بن عمير رضي الله عنه ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جهڙا نوجوان هن جي عقيدت ۾ شامل ٿي رهيا آهن. ان کان ٻه وڏيڪ خطرناڪ معاملو هيءُ آهي ته اسان جا غلام هن تي ايمان آڻي وينا آهن. هيءُ ته اهڙو معاملو آهي جڻ ڪنهن بارود جي گودام

ڏانهن باھ جي چڻنگ وجي رهي هجي. جيڪڏهن اسان جا غلام اسان جي خلاف بيهي رهن ۽ سندن مٿان ڪيل ظلمن جا بدلا وٺڻ شروع ڪري ڇڏين تہ پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟ تنهنڪري هاڻي جسماني تشدد ۽ تڪليفن ڏيڻ (Physical Persecution) جو آغاز ٿي ويو تہ انهن کي ماريو، انهن کي سخت جسماني سزائون ڏيو. جيڪڏهن وڏن گهراڻن جا نوجوان آهن تہ انهن کي گهرن ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو، انهن کي کائڻ جي لاءِ ڪجھ بہ نہ ڏيو ۽ بکيو رکو ۽ جيڪڏهن ڪو غلام آهي تہ ان کي چڱيءَ طرح ماريو، ڪُتيو ۽ گهٽين ۾ گهِليو. حضرت سميہ ۽ حضرت ياسر رضي الله عنهما کي ابوجهل بدترين ۽ شرمناڪ طريقي سان تشدد ڪري شهيد ڪيو. ابوجهل، سندن جوان پٽ حضرت عمار بن ياسر رضي الله عنه کي ٿمبي سان ٻڌي اُن جي سامهون حضرت سميہ رضي الله عنها کي اُگهاڙو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو. ماري ماري جڏهن ٿڪجي پيو تہ چيائين: صرف هڪ دفعو چئو تہ ”تنهنجو معبود بہ سچو آهي“، تہ آئون توکي ڇڏي ڏيندس. حضرت سميہ رضي الله عنها ابوجهل جي منهن ۾ ٿڪ اڇلائي هنئي. پوءِ هن حضرت سميہ رضي الله عنها جي شرمگاھ ۾ ڀالو هنيو جيڪو آرپار ٿي ويو ۽ حضرت سميہ رضي الله عنها شهيد ٿي وئي. وري حضرت ياسر رضي الله عنه جي جسم کي چار وحشي اٺن سان ٻڌي انهن کي چئن مختلف رخن (طرفن) ۾ ڊوڙايو ويو جنهن سان سندن جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. هي سڀ ڪجھ ٿيڻ جي باوجود بہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو حڪم هي هو تہ: ﴿كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ﴾ (النساء: 77) ”اجان پنهنجا هٿ روڪي رکو!“ ان جو فلسفو آئون بيان ڪري چڪو آهيان تہ مسلمان ان وقت تعداد ۾ تمام گهٽ هئا. جيڪڏهن ان وقت هو ڪا بہ جوابي ڪارروائي ڪن ها تہ انهن کي چيپاٽي ختم (crush) ڪري ڇڏين ها. اجان انهن کي هڪ طاقت ٺهڻ لاءِ عملي وقت گهربل هو. ٻيو هي تہ تشدد جو هڪ طرفو نشانو ٿيڻ جي ڪري انهن کي عوام جون همدرديون حاصل ٿي رهيون هيون.

حضرت بلال رضي الله عنه کي سندس مالڪ ڳچيءَ ۾ رسو وجهي بدمعاش ڇوڪرن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ انهن کي چوندو هو تہ هن کي گهِليو. جيئن عراق جي ابوغريب جيل ۾ قيدين تي تشدد جون تصويرون شايع ٿيون هيون جنهن ۾ قيدين کي اگهاڙو ڪري سندن ڳچين ۾ رسو وجهي گهِليو پئي ويو. اهڙيءَ طرح ئي حضرت بلال رضي الله عنه سان هي معاملو مڪي جي گهٽين ۾ ٿيو. انهن کي نوڪدار پٿرن واري زمين تي اهڙيءَ طرح گهليو ويندو هو جيئن ڪنهن مردار جانور جي لاش کي گهليو ويندو آهي. ماڻهو هن منظر کي ڏسي سوچيندا هئا تہ بلال رضي الله عنه سان هي سلوڪ ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڇا هن چوري ڪئي آهي يا پنهنجي مالڪ جي ڌيءَ جي عزت تي حملو ڪيو آهي؟ هنن کي خبر هئي تہ حضرت بلال رضي الله عنه جو اهڙو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي. هن جو ڏوهہ فقط هيءُ آهي تہ هو چوي ٿو تہ الله تبارڪ وتعالیٰ کان سواء ٻيو ڪو بہ معبود ڪونهي ۽ محمد صلی الله عليه وسلم الله تبارڪ وتعالیٰ جو رسول آهي.— هن پوري صورت حال جو هي نتيجو ٿي رهيو هو جو عوام جون همدرديون مسلمانن جي لاءِ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون هيون.

هڪڙي ڳالهہ نوٽ ڪري ڇڏيو تہ سن ڏهہ نبوي تائين نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن تي ڪنهن بہ زيادتي نہ ڪئي. ان ڪري جو پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي پنهنجي خاندان بنو هاشم جي پشت پناهي (حمايت) حاصل هئي. حالانڪ اجان بنو هاشم ۾ سيني ايمان ڪونہ آندو هو بلڪ انهن ۾ ابو لهب جهڙو بد ترين دشمن بہ موجود هو، پر بنو هاشم جو سردار ابو طالب هو ۽ هُو پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي پورو تحفظ ڏئي رهيو هو. قبائلي نظام ۾ قبيلي جو سردار جنهن کي بہ تحفظ ڏئي ڇڏي تہ پورو قبيلو ان جي پيروي ڪندو هو. تنهنڪري جڏهن شعب بني هاشم ۾ ٽن (3) سالن جو بائِيڪاٽ (Bycott) ٿيو هو تہ پورو بني هاشم جو خاندان ان ۾ شريڪ هو. صرف مسلمان نہ بلڪ پورو قبيلو هن بائڪاٽ ۾ محصور هو. مڪي جي ڪافرن ابو طالب کان مطالبو ڪيو تہ هُو محمد

(ﷺ) جي پشت پناهي ڇڏي ڏي تہ جيئن اُهي هن معاملي جو فيصلو ڪن. پر ابو طالب پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پشت پناهي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. سن ڏهہ نبويءَ ۾ ابو طالب جو انتقال ٿي ويو ۽ انهيءَ سال ئي حضرت خديجہ ؓ جو بہ انتقال ٿي ويو. هن سال کي پاڻ ڪريم ﷺ جن ”عامُ الحزن“ يعني غم جو سال قرار ڏنو. پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن بہ ٻاهران ٿڪجي گهر ايندا هئا يا وري ماڻهن جي طعنن جي ڪري سندن طبيعت ۾ بيچيني هوندي هئي تہ اڄ فلاڻي ماڻهوءَ چريو چيو آهي، فلاڻي ساحر چيو آهي وغيره، تہ گهر ۾ هڪ دل رکڻ واري ۽ محبت ڪرڻ واري وفادار رفيق حيات موجود هئي، هاڻي اُها بہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ پاڻ وٽ گهرائي ورتي. ابو طالب خانداني طرح سان ساٿ ڏئي رهيو هو، اُهو بہ وفات ڪري ويو. تنهنڪري اُن سال کي عامُ الحزن قرار ڏنو ويو. ابوطالب جي وفات سان ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خانداني پشت پناهي ۽ تحفظ ختم ٿي ويو. تنهنڪري دارُ الندوه ۾ فيصلو ٿي ويو تہ محمد (ﷺ) کي قتل ڪيو وڃي. مشوري ۾ طي ٿيو تہ ڪوبہ هڪ ماڻهو قتل نہ ڪري، نہ تہ ان جي خلاف پورو بنو هاشم جو خاندان بيهي رهندو. ائين ڪرڻ گهرجي تہ سڀني قبيلن مان نوجوانن جي چونڊ ڪئي وڃي جيڪي هڪ ئي وقت وڃي حملو ڪن تہ جيئن خبر ئي نہ پوي تہ قتل ڪنهن ڪيو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مڪي جي سرزمين تنگ ٿيندي نظر آئي تہ انهن طائف ڏانهن اِن اميد سان سفر اختيار ڪيو تہ مَن اُتي جو ڪو سردار ايمان آڻي تہ آئون پنهنجو مرڪز اُتي منتقل (Shift) ڪريان. طائف ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن تن ڏينهن ۾ ايتريون تڪليفون ڏنيون جيتريون مڪي جي ڏهن سالن ۾ بہ نہ ڏنيون. پاڻ ڪريم ﷺ جن تي پٿراءُ ڪيو ويو ۽ شديد ترين تشدد ڪيو ويو جنهن سان سندن جسم مبارڪ رتوڇاڻ ٿي ويو. ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جي دل جي گهراين مان جيڪا آهہ نڪتي اُن کي ٻڌائيندي بہ دل ڏهلجي ٿي:

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُوْ ضُعْفَ قُوَّتِيْ وَقِلَّةَ حِيْلَتِيْ وَهَوَانِيْ عَلَى النَّاسِ

”اي الله! آئون توسان ئي پنهنجي ڪمزوري، پنهنجي بيوسي ۽ ماڻهن وٽ پنهنجي بي قدريءَ جي فرياد ڪريان ٿو.“

يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِينَ، اَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِينَ، وَأَنْتَ رَبِّيْ،

”اي ارحمَ الرَّاحمين! تون ڪمزورن جو رب آهين ۽ تون ئي منهنجو رب آهين.“

اِلٰى مَنْ تَكِلُنِيْ؟ اِلٰى بَعِيْدٍ يَجْهَمُنِيْ اَوْ اِلٰى عَدُوٍّ مَلَّكْتَ اَمْرِيْ؟

”اي الله! تون مونکي ڪنهن جي حوالي پيو ڪرين؟ ڇا ڪنهن اجنبيءَ جي، جيڪو مون سان سختيءَ سان پيش اچي؟ يا ڪنهن دشمن جي، جنهن کي تو منهنجي معاملي جو مالڪ بڻائي ڇڏيو آهي؟“

اِنْ لَمْ يَكُنْ عَلَيَّ غَضَبُكَ فَلَا اُبَالِيْ!

”(پروردگار! جيڪڏهن تنهنجي رضا اها ئي آهي ۽) جيڪڏهن تون ناراض نہ آهين تہ پوءِ (آئون بہ راضي آهيان) مونکي (تشدد جي) ڪابہ پرواهہ ناهي.“

وَلٰكِنَّ عَافِيَتُكَ هِيَ اَوْسَعُ لِيْ

”پر تنهنجي عافيت منهنجي لاءِ گهڻي ڪشاده آهي.“

اَعُوْذُ بِنُوْرِ وَجْهِكَ الَّذِيْ اَشْرَقَتْ لَهُ الظُّلُمٰتُ

”اي پروردگار! آئون تنهنجي چهري جي نور جي پناهہ ۾ اچان ٿو جنهن سان اونداهيون روشن ٿي ويون.“

هن ڪان گهري فرياد ڪا ٿي سگهي ٿي؟ پر ڏسو پاڻ ڪريم ﷺ جن جون بہ نسبتون آهن. (1) مقامِ عبديت ۽ (2) مقامِ رسالت، جيئن ڪلمہ شهادت ۾ آهي: وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ. پر هتي عبديت جي نسبت غالب اچي رهي آهي تہ: اِنْ لَمْ يَكُنْ عَلَيَّ غَضَبُكَ فَلَا اُبَالِيْ ”پروردگار

جيڪڏهن تون ناراض نہ آهين تہ پوءِ مونکي ڪابہ پرواھ ناهي!“

## انقلاب نبوي ﷺ ۾ اقدام ۽ چئلينج جو مرحلو

هاڻي اقدام (Active Resistance) جو مرحلو آهي. آئون اڳيئي بيان ڪري چڪو آهيان تہ Passive Resistance مان Active Resistance جي مرحلي ۾ قدم رکڻ جو فيصلو تمام نازڪ آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي معاملي ۾ تہ هن مرحلي ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي طرفان هو. تنهنڪري غلطيءَ جو ڪو امڪان ئي ڪونہ هو. پر آئينده جيڪا بہ تحريڪ هلندي اُن جي قيادت ئي هيءُ فيصلو ڪندي ۽ ان ۾ غلطيءَ جو امڪان موجود رهندو. جيڪڏهن نيڪ نيتي سان غلطي ٿي وڃي تہ دنيا ۾ ناڪاميءَ جي باوجود آخرت جي ڪاميابي يقيني آهي. تحريڪِ شهيدين اُڻويهين صديءَ جي سڀ کان وڏي انقلابي تحريڪ هئي. هن تحريڪ ۾ سيد احمد بريلوي رحمة الله عليه کان هيءَ غلطي ٿي هئي تہ اُنهن وقت کان اڳي (pre-mature) پيش قدمي ڪري ڇڏي ۽ پناڻن جي علائقي ۾ وڃي هڪدم شريعت نافذ ڪري ڇڏي. انهن سمجهيو تہ جيئن نبي ڪريم ﷺ جن هجرت ڪرڻ کان پوءِ شريعت نافذ ڪئي، اهڙيءَ ئي طرح آئون راءِبريليءَ کان هجرت ڪري هتي آيو آهيان، تنهنڪري شريعت نافذ ڪرڻ گهرجي. انهن اهو ڪونہ ڏٺو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي تہ مديني وارا پاڻ اچي وٺي ويا هئا جڏهن تہ هِنن کي هتان ڪير بہ وٺڻ ڪونہ ويو هو. انهيءَ ڪري انهن کي ڪجهہ وقت لڳائڻ گهرجي ها تہ جيئن اُتي جي مقامي ماڻهن جا ذهن تيار ٿين، انهن جو فڪر پختو ٿئي، انهن جي دلين ۾ ايمان ۽ يقين مضبوط ٿئي ۽ پوءِ هو پنهنجين (غير شرعي) رسمن ۽ رواجن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. انهن کان غلطي تہ ٿي پر جيئن تہ هيءَ غلطي خلوص ۽ نيڪ نيتيءَ سان هئي تنهنڪري الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ وٽ انهن جو اجر ۽ ثواب محفوظ ٿي ويو. باقي دنيا جي لحاظ کان هيءَ تحريڪ ناڪام ٿي وئي. مولانا مودودي رحمة الله عليه کان بہ وڏي غلطي ٿي وئي تہ هو پارٽ ۽ پاڪستان جي تقسيم کان اڳ ڇهن ستن

سالن تائين جنهن طريقي تي عمل ڪري رهيو هو، اُهو پاڪستان جي نهڻ ڪان پوءِ اچي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ انتخابات جي ميدان ۾ اچي ويو ته شايد ماڻهو اسان کي ووٽ ڏيندا ۽ اسين حڪومت ٺاهي وٺنداسين ۽ جڏهن حڪومت اسان جي هوندي ته سڄو نظام اسين پاڻ ئي بدلائي ڇڏينداسين. تعليم جو نظام، معيشت جو نظام سڀ بدلائي ڇڏينداسين. مواصلاتي ذريعا (Media) اسان جي هٿن ۾ هوندا ته اسين پوري قوم جي ذهني ۽ فڪري تربيت ڪنداسين. بظاهر ته هيءُ تمام سٺو خيال هو پر جڏهن اليڪشن جي ذريعي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو هي سراب (Mirage) سامهون آيو ته هو دوکو کائي ويا. ان ڪري جو هتي جو ماحول اجان تيار ئي ڪونه هو. اجان ته فقط چند ماڻهو ئي انهن جي دعوت کان واقف هئا. تنهنڪري عوام جي اڪثريت انهن کي ووٽ نه ڏنو. بهرحال غلطيون ٿينديون آهن جنهن جي نتيجي ۾ دنيا ۾ ناڪامي ٿي ويندي آهي پر جيڪڏهن نيڪ نيتي سان غلطي ٿي وڃي ته آخرت جي اجر ۽ ثواب ۾ ڪابہ گهٽتائي نه ٿيندي.

## مديني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جا ابتدائي اقدام

هاڻي اسين ڏسون ٿا ته نبي ڪريم ﷺ جن هن مرحلي ۾ ڇا ڪيو. رسول الله ﷺ جن جڏهن هجرت ڪري مديني ۾ آيا ته هتي جا اوس ۽ خزرج ٻئي قبيلا مسلمان ٿي ويا هئا. هوڏانهن مڪي مان سؤ يا ڏيڍ سؤ مهاجرن جي جيڪا جماعت تيار ٿي آئي هئي، اُها بہ آزمائشن جي وڏن مرحلن کي پار ڪري آئي هئي:

تو خاک میں مل اور آگ میں جل، جب خشت بنے تب کام چلے
ان خام دلوں کے عنصر پر بنیاد نہ رکھ تعمیر نہ کر !

تنهنڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن هجرت کان پوءِ اقدام (Active Resistance) جو فيصلو ڪيو پر پهرين ڇهن مهينن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ ٿي ڪم ڪيا. (1) پهريون

هيءُ تہ مسجد نبوي ﷺ جي تعمير فرمائي جيڪا عبادتگاھہ بہ هئي، خانقاھہ ۽ درسگاھہ بہ هئي، پارليمنٽ ۽ مشاورت جي جاء بہ هئي ۽ اهائي گورنمينٽ هائوس جي حيثيت بہ رکندي هئي. مختلف قومن ۽ ملڪن جا وفد بہ هتي ئي ايندا هئا. ائين چئجي تہ مسلمانن جو هڪ مرڪز وجود ۾ اچي ويو هو. (2) ٻيو هيءُ تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن مهاجرن ۽ انصارين جي وچ ۾ "ڀائيچارو" قائم ڪري ڇڏيو ۽ هر مهاجر کي ڪنهن هڪ انصاريءَ جو ڀاءُ بڻائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري انصارين پنهنجي انهن مهاجر ڀائرن کي سندن گهرن ۽ دڪانن ۽ روزگار جي وسيلن ۾ حصيدار بڻائي ڇڏيو. هن ڀائيچاري جا اهڙا مثال بہ ملن ٿا جن ۾ انصارين سندن گهرن ۽ دڪانن جي وچ ۾ پت ڏيئي اڌو اڌ تقسيم ڪري پنهنجن مهاجر ڀائرن کي ڏيئي ڇڏيا. ايسيتائين جو هڪ انصاريءَ جون بہ زالون هيون. ان وقت تائين پڙدي جا احڪام (حڪمَ) ڪو نہ آيا هئا، اهي احڪام پنجن يا ڇهن سالن کان پوءِ آيا هئا. اهو انصاري پنهنجي مهاجر ڀاءُ کي گهر وٺي ويو ۽ چيائينس تہ: هي ٻئي منهنجيون زالون آهن، انهن مان جيڪا توکي پسند هجي اُن ڏانهن اشارو ڪر، آئون اُن کي طلاق ڏئي ڇڏيندس ۽ پوءِ تون ان سان شادي ڪري ڇڏجئين. رسول الله ﷺ جن توکي منهنجو ڀاءُ قرار ڏنو آهي ۽ آئون اهو برداشت نٿو ڪري سگهان تہ تنهنجو گهر آباد نہ هجي ۽ منهنجي گهر ۾ بہ بہ زالون هجن. هيءُ هو ڀائيچاري جو انداز! (3) رسول ڪريم ﷺ جن ٽيون اهم ڪم هي ڪيو تہ مديني ۾ آباد يهودي قبيلن سان مشترڪ دفاعي معاهدا ڪري ڇڏيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هن اقدام جي منتگمري واٽ ۽ ٿائن-بي بہ تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي ۽ هن پيش قدميءَ کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حسنِ تدبير ۽ Statesmanship جو عظيم اظهار قرار ڏنو آهي. مديني ۾ يهودين جا ٽي قبيلا بنو قينقاع، بنو نضير ۽ بنو قريظہ آباد هئا جيڪي وڏي اهم پوزيشن ۾ هئا. انهن جا مديني کان ٻاهر قلعا ۽ ڪوٽ هئا. رسول الله ﷺ جن "ميثاق مدينہ" جي نالي سان انهن ٽنهي قبيلن

سان مشترڪ دفاع جو معاهدو ڪيو. اڄ ڪلهه ڪجهه ماڻهو احمقاڻه طور تي ميثاقِ مدينه کي اسلامي رياست جي دستور جو نالو ڏين ٿا. حقيقت ۾ هيءُ فقط دفاع جو مشترڪ (گڏيل) معاهدو (Joint Defence Pact) هو ته جيڪڏهن مديني تي حملو ٿيو ته مسلمان ۽ يهودي پاڻ ۾ ملي حملهآور سان مقابلو ڪندا ۽ مديني جو دفاع ڪندا. هن معاهدي سان رسول الله ﷺ جن جي پوزيشن تمام گهڻي مضبوط ٿي وئي.

## غزوه بدر کان پهرين اٺ مهمون

مديني ۾ پنهنجي پوزيشن مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن Active Resistance جي طور تي ننڍا ننڍا ڇاپي مار قسم جا دستا موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيا. غزوه بدر کان پهرين پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙيون اٺ مهمون موڪليون هيون جن مان چئن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن پاڻ بنفسِ نفيس شريڪ هئا ۽ چئن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن شريڪ ڪونه هئا. انهيءَ ڪري انهن مان چئن کي ”غزوات“ ۽ چئن کي ”سرايا“ چيو ويندو آهي. انهيءَ عرصي دوران مڪي وارن جي طرفان ڪا به پيش قدمي ڪانه ٿي، بلڪ اڳيرائي (Initiative) پاڻ ڪريم ﷺ جن جي طرفان ئي ٿي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هن ڳالهه کي لِڪائڻ لاءِ اسان وٽ سيرت نبوي ﷺ ۾ تحريف ڪئي وئي آهي. جهڙيءَ طرح مغربي ميڊيا (western Media) هي پراپيگنڊا ڪندو آهي ته: اسلام تلوار جي زور تي پکڙجيو آهي، اسلام ته خوني مذهب آهي، اسلام دهشت گرديءَ جو سبق ڏي ٿو وغيره، اهڙيءَ ئي طرح جڏهن يورپ جون سامراجي طاقتون (colonial powers) اسلامي دنيا تي قابض ٿيون هيون ته مستشرقين اسلام جي خلاف اهڙو ئي زهريلو پراپيگنڊا شروع ڪيو هو. ان جي نتيجي ۾ اسان جي ليکڪن معذرت وارو (Apologetic) انداز اختيار ڪيو ته: نه نه! حضور ﷺ جن ڪا به جنگ پاڻ شروع ڪونه ڪئي هئي بلڪ هنن صرف پنهنجي دفاع ۽ بچاءُ ۾ جنگيون ڪيون هيون.— هيءَ ڳالهه سؤ فيصد ڪوڙ آهي ۽ غلط آهي.

مڪي جي پرسڪون تلاءُ ۾ بہ تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ئي پٿر اڇلائي حرڪت پيدا ڪئي هئي. نہ تہ اُتي جا ماڻهو تہ پنهنجي قسمت تي صبر ۽ شڪر سان رهي رهيا هئا.

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادیؐ عرب کی زمیں جس نے ساری ہلادی!

اهڙيءَ طرح ئي هجرت ڪان پوءِ مڪي وارن جي خلاف راست اقدام (Active Resistance) ۽ پوءِ مسلح تصادم (Armed Conflict) جي شروعات بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ئي ڪئي.

غزوہ بدر ڪان پهرين هڪ سال جي عرصي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن اٺ (8) مهمون موڪليون. هنن مهمن جا ٻہ مقصد سامهون اچن ٿا. جديد اصطلاحن جي حوالي سان پهريون مقصد مڪي جي معاشي ناڪابندي (Economic Blockade) هو ۽ ٻيو مقصد قريش جي سياسي ناڪابندي (Isolation or Political Containment) هو. قريش جا قافلا جنهن رستي ڪان گذرندا هئا اُن ڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن خطري وارو ڪري ڇڏيو. ڄڻ تہ قريش ڪي پيغام موڪلي ڇڏيو تہ: هاڻ اسين هتي موجود آهيون ۽ توهان جا تجارتي قافلا اسان جي نشاني تي آهن. جيڪو رستو مڪي ڪان شام ويندو هو اهو بدر مان گذرندو هو. بدر مڪي ڪان ٻہ سؤ (200) ميل پري آهي جڏهن تہ مديني ڪان صرف نوي (90) ميل پري آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن قريش جي تجارتي قافلن ڪي روڪڻ لاء ڪيتريون ئي مهمون اوڏانهن موڪليون. پاڻ ڪريم ﷺ جن خود هڪ وڏي دستي ڪي وٺي نڪتا ۽ هڪ وڏي قافلي جو پيڇو ڪيائون جيڪو شام ڏانهن ابوسفيان جي سربراهيءَ ۾ وڃي رهيو هو. پر هي قافلو بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ائين ئي مڪي ڪان يمن وڃڻ وارا قافلا طائف مان لنگهندا هئا. اوڏانهن بہ پاڻ ﷺ جن هڪ مهم موڪلي. اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريم ﷺ جن جتي بہ ويندا هئا اُتي جي قبيلن سان معاهدا ڪندا هئا. اهي قبيلا يا تہ پهرين قريش جا حليف هئا ۽ هاڻي حضور ﷺ جن جا حليف ٿي ويا،

يا وري اُنهن غير جانبداريءَ (Neutrality) جي حيثيت اختيار ڪئي تہ نہ اُهي قريش جي خلاف پاڻ ڪريم ﷺ جي مدد ڪندا ۽ نہ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جي خلاف قريش جي مدد ڪندا. انهن ٻنهي قسمن جي معاهدن سان قريش جي طاقت گهٽ ٿي وئي.— اهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن مٿي ذڪر ڪيل ٻئي مقصد حاصل ڪري ورتا.

هر قوم ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن، اڄ جي اصطلاح ۾ انهن کي Hawks (جوشيلي مزاج جا ماڻهو) ۽ Doves (ٿڌي مزاج جا ماڻهو) چيو ويندو آهي. مڪي ۾ بہ ٻنهي قسمن جا ماڻهو موجود هئا. جوشيلي ۽ مشتعل مزاج (Hawks) ماڻهن ۾ ابوجهل ۽ عقبہ بن ابي معيط بلڪل نمايان هئا. جڏهن تہ ٿڌي مزاج (Doves) وارن ۾ عتبہ بن ربيعہ ۽ حڪيم بن حزام نمايان هئا. Hawks جو چوڻ هو تہ: هلو مديني تي هلي حملو ڪريو ۽ محمد ﷺ ۽ سندس ساٿين کي ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ Doves اهڙي قسم جي اقدام جي حق ۾ ڪونہ هئا. عتبہ بن ربيعہ تمام عقلمند انسان هو. هن رسول ڪريم (ﷺ) جن جي هجرت کان پوءِ قريش کي چيو هو تہ: ڏسو محمد (ﷺ) ۽ ان جا ساٿي هتان ويا هليا (انهن جي خيال ۾ تہ اها آفت انهن جي مٿي تان لهي وئي)، هاڻ مديني وڃي بہ محمد (ﷺ) آرام سان تہ ڪونہ ويهندو بلڪ پنهنجي دين جي تبليغ ڪندو. تنهنڪري عرب ان جي خلاف ٿي ويندا ۽ باقي عربن سان ان جي ڪشمڪش ٿيندي. جيڪڏهن باقي عربن کي محمد (ﷺ) فتح ڪري ورتو تہ اسان جو ڪهڙو نقصان آهي؟ هو اسان جو قريشي ڀاءُ آهي، ان جي فتح اسان جي فتح آهي. ان جي فتح سان عرب تي اسان جي حڪومت قائم ٿي ويندي. ۽ جيڪڏهن عربن محمد (ﷺ) کي ماري ڇڏيو تہ جيڪي توهان چاهيو ٿا اهو ئي ٿي ويندو بغير ان جي جو توهان پنهنجن ئي ڀائرن جي رت سان پنهنجيون تلوارون رنڱيو. آخر ابوبڪر ڪير آهي؟ ڇا هو اسان جو ڀاءُ ڪونهي؟ عمر ڪير آهي؟ ۽ هي عثمان ڪير آهي؟ بنو اميہ مان آهي. همزه ڪير آهي؟ عبدالمطلب جو پٽ آهي

۽ محمد (ﷺ) ڪير آهي؟ عبد المطلب جو پوٽو آهي. توهين پنهنجين تلوارن سان انهن جون سِسيون لاهينداءُ؟ ڏسو محمد (ﷺ) کي ۽ باقي عربن کي پاڻ ۾ فيصلو ڪرڻ ڏيو. جيڪڏهن محمد (ﷺ) کٽي ويو ته پوري عرب تي اسان جو راڄ هوندو.— حقيقت ۾ به ائين ئي ٿيو. خلافتِ راشده کان پوءِ ملوڪيت جي دؤر ۾ اِهي عرب ئي هئا جن جون حڪومتون قائم ٿيون، پوءِ پلي اُهي بنو اُميه هئا يا بنوعباس هئا. عتبه بن ربيعه جي اهڙي گهري ڳالهه سان مڪي وارا به متاثر ٿي ويا.

ٽڏي مزاج جي ماڻهن (Doves) جو مڪي جي ماحول ۾ چڱو خاصو اثر هو پر به واقعا اهڙا ٿي ويا جنهن جي نتيجي ۾ جنگجوئن ۽ مشتعل مزاج ماڻهن (Hawks) جو پلڙو ڳرو ٿي ويو ۽ هي Doves بلڪل خاموش ٿي ويا. هڪ هي ته ابوسفيان جو اهو قافلو جنهن جو پاڻ ڪريم ﷺ جن پيڇو ڪيو هو ۽ اهو بچي نڪري ويو هو، هاڻي اهو تجارتي مال سان ڀريل قافلو شام کان واپس اچي رهيو هو. ابوسفيان قريش ڏانهن مدد جو پيغام موڪليو ته اسان کي خطرو آهي ته محمد (ﷺ) جا ماڻهو اسان جي قافلي تي حملو ڪندا ۽ اسان کي لُٽي ويندا. تنهنڪري جيترو جلدي ٿي سگهي اسان جي لاءِ مدد موڪلي وڃي. ابوسفيان جو هي پيغام کڻي هڪڙو ماڻهو دانهون ڪندو مڪي پهتو ته توهان جو قبيلو، توهان جو خاندان ۽ توهان جو مال خطري ۾ آهي، تنهنڪري جلدي مدد لاءِ پهچو. ٻئي پاسي هڪ ٻيو واقعو ٿي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻارهن ماڻهن جو هڪ ننڍڙو دستو نخله جي مقام ڏانهن موڪليو جيڪو طائف ۽ مڪي جي وچ ۾ موجود آهي ۽ انهن کي هدايت ڪئي ته اُتي وڃي قيام ڪريو ۽ اسان کي اُتان کان مڪي جي ماڻهن جي چرپر جي اطلاع ڏيندا رهو. اُتي هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي جو مڪي وارن جي هڪ قافلي سان اُنهن جو مقابلو ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ مسلمانن جي هٿان هڪ مشرڪ مارجي ويو ۽ ٻن کي هو گرفتار ڪري وٺي آيا ۽ هڪڙو ڀڄي ويو. مسلمان مالِ غنيمت سان ڀريل ڪيترن ئي اُٺن جي

قافلي کي وٺي حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. اُن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ناراض ٿي ويا تہ مون توهان کي جنگ جو حڪم ڪونہ ڏنو هو. پر هاڻي جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. جيڪو مُشرڪ پڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو اُهو پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي دانهون ڪندي مڪي پهتو ۽ چوڻ لڳو تہ: ڏسو ڏسو! محمد ﷺ جي ماڻهن اسان جي ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيو آهي. هي ٻئي خبرون هڪ ئي وقت مڪي پهتيون، هڪ شمال (اتر) کان ۽ ٻي جنوب (ڏکڻ) کان.— هجرت کان پوءِ اجان تائين مشرڪن ڪنهن بہ مسلمان کي ڪونہ ماريو هو. هجرت کان پهرين حضرت سُميہ ۽ حضرت ياسر رضي الله عنهما کي ابوجهل شهيد ڪيو هو، پر هجرت کان پوءِ مڪي وارن جي طرفان ڪابہ اگرائي ڪونہ ٿي هئي.

## انقلاب نبوي ﷺ جو ڇهون مرحلو: مسلح تصادم

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي واقعن جي ڪري Hawks جو پلڙو ڳرو ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ محمد رسول الله ﷺ جن جي انقلابي جدوجهد جي ڇهين مرحلي يعني مسلح تصادم جو آغاز ٿي ويو. غزوه بدر سان هن مرحلي جي شروعات ٿي ۽ تقريبًا ڇهن سالن تائين هي جنگيون جاري رهيون. ان دوران حق ۽ باطل جي وچ ۾ ڪيترائي معرڪا ٿيا. غزوه بدر ۾ قريش جا ستر وڏا وڏا سردار مارجي ويا ۽ چوڏهن صحابہ رضي الله عنهم شهيد ٿي ويا. غزوه احد ۾ اُبتو معاملو ٿي ويو جو ڪجهہ صحابہ رضي الله عنهم جي غلطيءَ جي ڪري ستر صحابہ رضي الله عنهم شهيد ٿي ويا. هنن واقعن جي تفصيل ڏسڻ لاءِ منهنجي ڪتاب "منهج انقلاب نبوی ﷺ" جو مطالعو ڪريو. هن وقت آئون صرف انقلاب جي خاڪي ۾ رنگ ڀري رهيو آهيان. آئون توهان کي سيرت ڪونہ پيو پڙهايان بلڪ سيرت جو فلسفو سمجهائي رهيو آهيان.— هيءَ قريش سان پاڻ ڪريم ﷺ جي ڇهن سالن جي ڏگهي جنگ هئي جيڪا 17 رمضان سن بہ (2) هجريءَ کان شروع ٿي ۽ 10 رمضان سن اٺ (8) هجري ۾ مڪي جي فتح سان ختم

ٿي. ان دوران گھٽيون ئي هيٺ مٿانهيون آيون. مختلف غزوات ۾ سوين اصحابين ﷺ پنهنجيون جانيون ڏنيون. غزوه احد ۾ حضور ﷺ جن خود زخمي ٿيا ۽ سندن ڏند مبارڪ به شهيد ٿيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي چهري تي تلوار جو وار لڳڻ سان سندن حفاظتي هيلمٽ جون به ڪڙيون رخسار جي هڏيءَ ۾ اندر ڳِهڙي ويون. هڪ صحابي رضي الله عنه پنهنجن ڏندن سان انهن ڪڙين کي ڇڪي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن سان سندس ڏند نڪري ويا پر اُهي ڪڙيون ڪونه نڪتيون. پوءِ ڪنهن طريقي سان انهن ڪڙين کي ڪڍيو ويو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي چهري مان رت ڦوهاري وانگر وهڻ لڳو، ايترو رت وهيو جو پاڻ ﷺ جن بيهوش ٿي ڪِري پيا ۽ سڄي جنگ جي ميدان ۾ مشهور ٿي ويو ته پاڻ ﷺ جن شهيد ٿي ويا آهن. هن جنگ ۾ ستر اصحابي سڳورا رضي الله عنهم شهيد ٿيا جن ۾ حضرت همزه رضي الله عنه به شامل هئا. حضرت همزه رضي الله عنه سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جا گهڻا ئي رشتا هئا. اُهي حضور ﷺ جن جا چاچا به هئا ۽ ماسات به هئا. اُهي پاڻ ﷺ جا ٿڃ شريڪ ڀاءُ به هئا جنهن کي عربن ۾ سڳن ڀائرن وانگر سمجهيو ويندو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جا ننڍپڻ جا دوست به هئا. انهن جو لاش اهڙيءَ حالت ۾ آيو جو سندن نڪ ۽ ڪن ڪٽيل هو ۽ سندن پيٽ ڦاڙي ڪليجو چٻاڙيو ويو هو.— سمجهي ڇڏيو ته انقلاب گهر ويٺي ڪونه آيو بلڪ اُن لاءِ وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون ويون. جيئن ته هي ڪم مڪمل تياريءَ کان پوءِ ئي ڪيو ويو هو تنهنڪري ڇهن سالن جي هن مسلح تصادم جو نتيجو مڪي جي فتح جي صورت ۾ نڪتو ۽ انقلاب نبوي ﷺ مڪمل ٿي ويو: ﴿جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۚ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا﴾ (بني اسرائيل: 81).

مڪو فتح ڪرڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ جن جيترين به جنگين وڙهيون انهن جي حيثيت ملٽريءَ جي اصطلاح ۾ Mopping-up Operation جي هئي، جنهن جي ذريعي مخالف گروهه جي باقي رهيل طاقت کي ۽

انهن جي نڪاڻن کي پوريءَ طرح ختم ڪيو ويندو آهي. مڪي جي فتح تيڻ سان عرب جي اندر انقلاب جي تڪميل ٿي وئي.

## انقلاب نبوي ﷺ جو ٻيلاءُ ۾ برآمدگي

هاڻي مون کي ٻن ڳالهين جي وضاحت ڪرڻي آهي. پهرين هيءَ ته نبي اڪرم ﷺ جن صلح حديبيه کان پهرين عرب علائقي کان ٻاهر ڪوبه تبليغي نمائندو ڪونه موڪليو هو ۽ نه ئي پنهنجو ڪو خط يا پيغام ڪنهن به حڪومت جي سربراهه ڏانهن موڪليو هو. ڏهن سالن تائين سڄو ڪم مڪي ۾ ئي ڪيائون. پوءِ ڏهين سال ۾ طائف جو سفر ڪيائون. انقلابي عمل جي اهائي خاصيت آهي ته اهو شروع ۾ ڪونه پکڙجندو آهي. مشنري ۽ تبليغي ڪم گدري ۽ ڪڪڙيءَ جي ول وانگر زمين ۾ پکڙجندو آهي، جڏهن ته انقلابي عمل هڪ ئي جڳهه تي پنهنجيون پاڙون جمائي مٿي ويندو آهي. جيئن انب جو ڪوئلو ڦاٽندو آهي ته ان مان به پتيون نڪرنديون آهن، پوءِ ان مان انب جو ٻوٽو نهندو آهي جيڪو وڏو وڻ ٿي ميوا ۽ ڦن آڻيندو آهي. محمد رسول الله ﷺ جن جي جدوجهد مشنري انداز جي نه هئي بلڪ انقلابي انداز جي هئي. مڪي زندگيءَ جي ابتدائي دؤر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ مال ۽ دولت جي ڪابه گهٽتائي ڪونه هئي. ان وقت حضرت خديجه رضي الله عنها جي دولت موجود هئي جيڪا انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن چاهين ها ته قيصر ۽ ڪسريٰ ۽ ٻين حڪمرانن کي خط موڪلي سگهيا ٿي ته آئون الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو رسول آهيان، مون تي ايمان آڻيو. پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ائين ڪونه ڪيو. هجرتِ مدينه کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن عرب جي مختلف قبيلن سان معاهدا ڪيا پر عرب کان ٻاهر ڪوبه وفد ڪونه موڪليو. پوءِ جڏهن صلح حديبيه ٿي ويو ۽ قريش پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مخالف طاقت جي حيثيت سان تسليم (Recognise) ڪري ڇڏيو، جنهن کي قرآن حڪيم فتح مبين قرار ڏنو آهي، پوءِ وڃي پاڻ ڪريم ﷺ جن قيصر، ڪسريٰ،

هرقل، مقوقس، نجاشي ۽ عرب جي ٻين سردارن جن اجان تائين اسلام قبول ڪونہ ڪيو هو اُنهن ڏانهن صحابہ ڪرام ﷺ جي هٿان دعوتي ۽ تبليغي خط موڪليا. دعوت نامن جي نتيجي ۾ بادشاهن ۽ سردارن وٽان مختلف ردِ عمل سامهون آيا. هرقل جي ماتحت غساني گورنر پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سفير حارث بن عمير ﷺ کي شهيد ڪري ڇڏيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جي قصاص جي لاءِ لشڪر تيار ڪري موڪليو ۽ غزوه مؤته جو معرڪو ٿيو. ان کان پوءِ غزوه تبوڪ جو معرڪو بہ ٿيو. اهڙيءَ طرح رسول الله ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ ئي انقلاب جي برآمدگي يعني Exporting of Revolution جي مرحلي جي شروعات ٿي وئي. مطلب تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي پاڪ حياتيءَ ۾ ئي نہ صرف اندرون عرب ۾ انقلاب جي تڪميل ٿي وئي بلڪ عرب کان ٻاهر بہ حضور ﷺ جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان پاڻ ڪم جو آغاز ڪري ويا ۽ پوءِ هيءَ ذميداري امت جي حوالي ڪري ويا تہ هاڻي توهان کي هي ڪم اڳتي وڌائڻو آهي.

## منهج انقلاب نبوي ﷺ جي موجوده حالات سان موافقت

ٻي ڳالهہ جنهن جي آئون وضاحت ڪندس اُها هيءَ تہ اڄ جي حالات ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي وئي آهي. تنهنڪري هڪ وڏو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اڄ جي دؤر ۾ نبي اڪرم ﷺ جن جي انقلاب جي طريقي تي اهڙي جو اهڙو ئي عمل ڪيو ويندو يا ان ۾ ڪنهن اجتهاد (تبديليءَ) جي ضرورت آهي. منهنجي خيال مطابق مٿي بيان ڪيل پهرين پنجن مرحلن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديليءَ جي ضرورت نہ آهي. اسان جو انقلابي نظريو اڄ بہ توحيد جو نظريو ئي آهي ۽ اڄ بہ اسان کي ايمان جي ئي دعوت ڏيڻي آهي جنهن جو منبع ۽ سرچشمو قرآن مجيد آهي. هي تصور بلڪل غلط آهي تہ اسين مسلمان آهيون تنهنڪري اسان جي اندر ايمان تہ موجود آهي. دراصل اسلام ٻي شيءِ آهي ۽ ايمان ٻي شيءِ آهي. اسين مسلمان فقط ان ڪري آهيون جو اسين ڪنهن مسلمان گهر

۾ پيدا ٿي وياسين، باقي ايمان تہ اسان ۾ آهي ئي ڪونہ. ايمان اسان ڪي پنهنجين دلين ۽ ذهنن ۾ خود پيدا ڪرڻو پوندو. اسان ڪي توحيد، آخرت ۽ رسالت تي يقين وارو ايمان پيدا ڪرڻو پوندو:

يقيں پيدا کر اے ناداں يقیں سے ہاتھ آتی ہے
وہ درویشی کہ جس کے سامنے جھکتی ہے فغفوری !

رسول الله ﷺ جن جي انقلاب جو هٿيار قرآن مجيد هو. اڄ بہ اهو ئي قرآن اسان جي لاءِ انقلاب جو هٿيار آهي. انهيءَ ڪري رجوع الي القرآن يعني قرآن سان ماڻهن کي جوڙڻ جي دعوت وڏي پئماني تي عام ڪئي وڃي. منهنجي نظر ۾ قرآن جي حيثيت هڪ چقمق جي آهي جيڪو سليمُ الفطرت ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. جن ماڻهن جي فطرت بگڙيل ۽ خراب ٿي وئي هجي انهن تي قرآن جو اثر نٿو ٿئي. جيئن اوهان کي خبر آهي تہ چقمق لوهہ جي ٽڪڙن کي تہ پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو پر ڪاٺ جي ٽڪڙن کي نٿو ڇڪي. انهيءَ ڪري قرآن جي چقمق کي هن معاشري ۾ پکيڙڻ جي ضرورت آهي. الحمد لله مون لاهور شهر ۾ چاليهن سالن تائين قرآن مجيد جو جنڊ ڦيرايو آهي. مونکي قرآن جي قوّال جو لقب بہ ڏنو ويو جيڪو مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ:

”ماہر چہ خواندہ ایم فراموش کردہ ایم
الا حدیثِ دوست کہ تکرار می کنیم“

(اسان جيڪو ڪجهہ پڙهيو هو سو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو،
سواءِ دوست جي ڳالهہ جي جنهن کي اسان دهرائيندا آهيون)

هن چَوڻيءَ مطابق مون جيڪي ڪجهہ پڙهيو هو سو سڀ وساري ڇڏيو. ڊاڪٽري پڙهي هئي سا بہ وساري ڇڏي. هاڻي هي حديثِ دوست يعني الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو ڪلام آهي جنهن جو تڪرار ڪري رهيو آهيان. بهرحال پهريون ڏاڪو هيءُ ئي آهي تہ قرآن کي هر عام و خاص تائين

پهچايو وڃي. پوءِ جيڪي ماڻهو هن قرآن جي چقمق سان چنبڙي ايندا انهن کي بيعت جي بنياد تي منظم ڪيو وڃي جيڪا محمد ﷺ جن اسان جي لاءِ بطور اسوه ڇڏي ويا آهن. تنظيم جي بنياد ڪنهن انگريزي نظام تي نہ هجي، ڪا ٻن يا ٽن سالن جي لاءِ امارت جو معاملو نہ هجي يا وري امير جي انتخاب جو معاملو نہ هجي بلڪ جنهن داعيءَ توهان کي دعوت ڏني ۽ توهان اُن جي دعوت کي صحيح تسليم ڪيو ۽ ان جي دعوت تي اعتماد ڪيو تہ پوءِ ان جي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ڏيئي ان سان بيعت ڪريو تہ اسين شريعت جي حدن اندر توهان جو هر حڪم مڃينداسين. پنهنجو مشورو ضرور ڏينداسين پر آخري فيصلو توهان جو هوندو. پوءِ جيڪي ماڻهو هن بنياد تي جمع ٿي وڃن اُنهن جي تربيت ڪئي وڃي. قرآن انهن جي دلين ۾ ويهاريو وڃي، راتين جو جاڳڻ ۽ قيامُ الليل جو شوق ڏياريو وڃي ۽ الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي راهہ ۾ جان ۽ مال خرچ ڪرڻ جي تلقين ڪئي وڃي. نفاق کي ختم ڪرڻ واري شيءِ انفاق يعني الله تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ آهي.

ان سان گڏوگڏ صبر محض (Passive Resistance) جو مرحلو بہ شروع ٿي وڃي ٿو. اڄ صبر محض جي ڪهڙي شڪل هوندي؟ اسين اڄان حڪومت لاءِ ڪوبہ خطرو ڪونہ آهيون. مڪي جي ننڍڙي آباديءَ ۾ تہ پنجاهہ يا سؤ ماڻهو بہ خطرو نظر اچڻ لڳا هئا. پر هتي پندرهن (15) ڪروڙ (اڄ چوويهہ 24 ڪروڙ) جي آباديءَ ۾ ٽي يا چار هزار اهڙا ماڻهو هجڻ سان ڪوبہ فرق ڪونہ پوندو. تنهنڪري اڄان هنن تي حڪومت طرفان يا هن نظام طرفان ڪا بہ وٺ پَڪَڙ جي شروعات ڪونہ ٿيندي. البت انهن جو امتحان شريعت تي عمل ڪرڻ ۾ ٿيندو. انهن کي رشوت ڇڏڻي پوندي پر جيئن ئي رشوت ڇڏيندا تہ سندن گهر وارا دشمن ٿي ويندا. ان ڪري جو پهرين اُهي ناشتي ۾ پراٺا ۽ بيضا کائيندا هئا پر هاڻي انهن کي سُڪل مانيءَ تي گذارو ڪرڻو پوندو. سورة التغابن ۾

ارشاد باري تعالىٰ آهي: ﴿يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ وَاَوۡلَادِكُمۡ عَدُوًّا لَّـكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُمۡ‌ ﴾ (آيت :14)”اي ايمان وارؤ! توهان جي زالن ۽ توهان جي اولاد مان ڪي توهان جا دشمن آهن، تنهنڪري انهن کان هوشيار رهو.“ توهان پنهنجي گهر ۾ شرعي پردو نافذ ڪندائو ته توهان جي پوري برادري توهان جو سوشل بائِيڪاٽ ڪري ڇڏيندي.— ته هي صبر محض (Passive Resistance) جو اُهو مرحلو آهي جنهن مان اسين هينئر گذري رهيا آهيون. پر الله ڪري اُهو وقت به اچي ته ايترا ماڻهو جمع ٿي وڃن جو حڪومت کي انهن کان ڳڻتي وٺي وڃي ته هي هن نظام لاءِ خطرو ٿي سگهن ٿا. پوءِ وٺ پڪڙ به ٿيندي ۽ ڦاهيون به ٿينديون.

پهرين پنجن مرحلن تي اهڙي جو اهڙو ئي عمل ٿيندو. آخري مرحلي يعني مسلح تصادم (Armed Conflict) ۾ موجوده دؤر ۾ حالات ايترا ته مَتجي ويا آهن جو اُن ۾ اجتهاد جي واقعي ضرورت آهي. ان ڪري جو هڪ ته نبي ڪريم ﷺ جن جي دؤر ۾ مسلمانن جي مقابلي ۾ ڪافر هئا ۽ حربي ڪافر کي مارڻ ۾ ڪابه پريشاني ڪونه هئي، جڏهن ته اڄ جي صورت حال هيءَ آهي ته هيڏانهن به مسلمان آهن ۽ هوڏانهن به مسلمان آهن. اسان جا حڪمران ڪهڙا به آهن پر اُهي مسلمان ئي آهن. ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير، ضياءُ الحق، نواز شريف ۽ پرويز مشرف سيئي مسلمان آهن. ٻيو هيءُ ته اُن زماني ۾ طاقت جو فرق صرف تعداد جي اعتبار سان هو. هيڏانهن 313 رضاڪار (Volunteers) هئا ۽ هوڏانهن 1000 رضاڪار هئا. ٻنهي پاسي باقاعده مستقل فوجون (Standing armies) ڪونه هيون. ائين به ڪونه هو جو هوڏانهن ٽينڪ، توبون، ميزائل ۽ بم هجن ۽ هيڏانهن مجاهد صرف تلوارون ڪٽي بيٺا هجن. رسول الله ﷺ جن جي فوج ۾ صرف به گهوڙا شامل هئا جڏهن ته هوڏانهن سؤ گهوڙن تي ٻَڌل لشڪر هو. يعني هتي صرف تعداد ۾ فرق هو. جنگ جي نوعيت جي اعتبار سان ڪوبه فرق ڪونه هو.

ٽين ڳالھ هيءَ تہ عمراني ارتقا (Social evolution) جي نتيجي ۾ اڄ جي دؤر ۾ هي امڪان بہ موجود آهي تہ بغير جنگ ڪرڻ جي حڪومت تبديل ڪئي وڃي. اڄ اِهو مڃيو وڃي ٿو تہ رياست ۽ حڪومت بہ الڳ الڳ شيون آهن. شهري حڪومت جا نہ بلڪ رياست جا وفادار هوندا آهن. حڪومت جي تبديلي تہ عوام جو حق آهي. حضور ﷺ جن جي دؤر ۾ عمراني ارتقا اڃان اِن حد تائين ڪونہ پهتو هو. اُن وقت حڪومت ۽ رياست ٻئي هڪ هئا.— هاڻي هتي بغير جنگ جي حڪومت تبديل ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن، هڪ اليڪشن جو طريقو ۽ ٻيو احتجاجي تحريڪ (Agitation) جو طريقو. اليڪشن جي ذريعي سان نظام نٿو بدلجي سگهي، پلي اهو ڪيترو بہ صحيح ۽ شفاف هجي. اليڪشن سان صرف نظام هلائڻ وارا ماڻهو مَٽجي ويندا آهن، نظام ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ايندي آهي. اليڪشن ۾ معاشري جي طاقتور طبقن جو ئي عڪس هوندو آهن. جيڪڏهن ملڪ ۾ جاگيرداري نظام آهي تہ ڪو جاگيردار ئي چوندجي ايندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سرمائيداري نظام آهي تہ ڪو سرمائيدار ئي منتخب ٿي ايندو.— شهرن ۾ وري بہ ڪجھ تبديلي ٿيندي رهندي آهي. جيئن ڪراچي شهر ۾ ڪڏهن جماعت اسلامي جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي هئي تہ ڪڏهن MQM مضبوط ٿي وئي. ان ڪري جو شهرن ۾ نہ جاگيردار آهن ۽ نہ ئي قبيلن جا سردار آهن. البت اسان جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام قائم آهي. پوءِ جڏهن سرمائيدار ۽ جاگيردار اليڪشن جي ذريعي چوندجي ايندا تہ ڇا هو جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام ختم ڪندا؟ ائين ڪرڻ سان تہ هو پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪُهاڙو هڻندا.— حقيقت اِها ئي آهي تہ اليڪشن ڪنهن نظام کي هلائڻ لاءِ هوندي آهي، اُن کي بدلائڻ لاءِ ڪونہ هوندي آهي. امريڪا ۾ ٻہ پارٽيون آهن، ريپبليڪنز ۽ ڊيموڪريٽس. انهن ٻنهي ۾ آمريڪا جي نظام جي باري ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي. ٻنهي پارٽين جو صرف اهو چوڻ آهي تہ اسين انهيءَ نظام کي سٺي طريقي

سان هلائي سگهون ٿا. انهن جي منشور ۾ ڪو فرق هوندو ته اُهو صرف ٽيڪسيشن پاليسي، هيلٿ پاليسي يا وري ايميگريشن پاليسي جو هوندو. برطانيا ۾ ڪنزرويٽو ۽ ليبر ٻه پارٽيون آهن. انهن ٻنهي ۾ به نظام جي باري ۾ ڪو اختلاف ناهي.— آمريڪا ۾ جيڪڏهن ڪميونسٽ هوندا ته اهي نظام جي خلاف ڳالهائيندا. سياٽل (Seattle) ۽ واشنگٽن ۾ گلوبلائيزيشن جي خلاف ٿيندڙ مظاهرن مان خبر پوي ٿي ته اُتي ڪميونسٽ موجود آهن. پر ظاهري ڳالهه آهي ته اُهي اليڪشن جو رستو ڪڏهن به اختيار ڪونه ڪندا، اليڪشن سان انهن جي ڪاميابي ممڪن ئي ڪونهي.

## موجوده دؤر ۾ اقدام جي نوعيت

هاڻي هڪ ئي طريقو باقي آهي ۽ اُهو هيءُ ته هڪ پُرامن، منظم ۽ Disciplined عوامي تحريڪ اُتي جيڪا نه ٻنج ڊاهه ڪري، نه سرڪاري يا غير سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائي ۽ نه ئي ڪنهن جي جان يا مال تي حملو ڪري، البت هي ماڻهو پاڻ جانيون ڏيڻ لاءِ تيار هجن. هن کي آئون ”هڪ طرفي جنگ“ جو نالو ڏيان ٿو. هي ماڻهو رستن تي اچي منڪرات جي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪن ۽ حڪومت کي پنهنجو مؤقف واضح ٻڌائن ته اسان منڪرات جي روڪ لاءِ توهان کي گهٽيون ئي درخواستون ڪيون ۽ توهان جي اڳيان هٿ ٻڌا ته الله جي واسطي وياج ختم ڪريو پر توهان اسان جي هڪ به نه ٻڌي. سو هاڻي اسين ڌرڻو ڏينداسين، Picketing ڪنداسين، بينڪن جو گهيرائو ڪنداسين ۽ هن وياجي نظام کي هلڻ ڪونه ڏينداسين. پوءِ ڀلي اسان جي مٿان گوليون هلايو!

منهنجي حساب سان هن وقت انقلاب جي لاءِ هيءُ طريقو ئي قابل عمل آهي. جيڪڏهن اسين پرتشدد ٿي هٿيار کڻنداسين ته ڪنهن جي خلاف کڻنداسين؟ زميني فوج يا هوائي فوج خلاف؟ اسان جي ماضي جي حڪومتن بلوچستان ۾ به پيرا هوائي فوج (Air Force) استعمال

ڪئي. اهڙيءَ طرح ئي شام ملڪ جي حافظ الاسد هوائي فوج ذريعي هڪ ئي ڏينهن ۾ اخوان المسلمون جي هزارين ڪارڪنن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي مرڪز تي بمباري ڪري تباهه ڪري ڇڏيو. تنهنڪري هن دؤر ۾ مقابلو بلڪل غير مساوي (Unequal) ٿي ويو آهي. باقي جتي بہ ممڪن هجي اُتي بہ طرفي جنگ بہ ٿي سگهي ٿي. ڪنهن جابلو ملڪ ۾ ڪا ڇاپي مار جنگ بہ ٿي سگهي ٿي، اها حرام ڪانهي. دين کي قائم ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جنگ ڪئي آهي تہ اسين بہ وڙهي سگهون ٿا ۽ مسلمانن جي خلاف بہ وڙهي سگهون ٿا. امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه جي مؤقف مطابق مسلمان حڪمران جيڪڏهن فاسق ۽ فاجر هجي تہ ان جي خلاف بغاوت ڪري سگهجي ٿي. پهرين تہ ”امر بالمعروف و نهي عن المنڪر“ جو ڪم زباني طور ڪيو وڃي. پر جيڪڏهن زباني چوڻ مؤثر ثابت نہ ٿئي تہ پوءِ تلوار جي ذريعي ”امر بالمعروف و نهي عن المنڪر“ ڪري سگهجي ٿو.— جنگ هوندئن تہ جائز آهي پر موجوده حالات ۾ عملي طور ممڪن ڪونهي. اڄ جي فاسق ۽ فاجر مسلمان حڪمرانن جي خلاف ”هڪ طرفي جنگ“ ئي مناسب حڪمت عملي آهي.

جڏهن ڪنهن حڪومت جي خلاف اهڙي عوامي احتجاجي تحريڪ هلندي تہ ظاهر آهي تہ ان تحريڪ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. شروع ۾ تہ فوج حڪومت جو حڪم مڃيندي ۽ مظاهرو ڪرڻ وارن تي گوليون هلائيندي پر هڪ وقت تي فوج بہ هٿ کڻي ڇڏيندي تہ اسين پنهنجي ئي هم وطن ماڻهن کي وڏيڪ قتل نہ ٿا ڪري سگهون. ظاهري ڳالهہ آهي تہ هي ڪا قابض فوج نہ آهي بلڪ قوم جي ئي فوج آهي ۽ جيڪي ماڻهو سامهون بيٺا آهن اُهي بہ ساڳي ئي قوم آهن. 1919ء ۾ جنرل ڊائر جليانوالہ باغ ۾ سوين هزارين ماڻهو قتل ڪرائي ڇڏيا هئا. جنرل ڊائر کي ان جو ڪوبہ ڏک ڪونہ هو ڇو تہ هو انگريز هو ۽ مرڻ وارا سڀ هندستاني هئا، هُن جي پنهنجي قوم جا نہ هئا. پنهنجي قوم

جي ماڻهن کي مارڻ ايترو آسان نہ هوندو آهي. هڪ حد تائين تہ حڪم تي عمل ڪيو ويندو آهي پر هڪ وقت اهڙو ايندو آهي جو فوجي آفيسر پنهنجا هٿ ڪٽي ڇڏيندا آهن. جيئن لاهور ۾ برگيڊيئر محمد اشرف گوندل بيهي رهيو تہ هاڻي اسين ماڻهن جي مٿان وڏيڪ گوليون ڪونہ هلائينداسين. الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ ان کي اجر و ثواب عطا فرمائي. پوءِ بہ ٻيا برگيڊيئر بہ بيهي رهيا ۽ ڀُٽي کي پيغام ملي ويو. ڪجهہ ڏينهن پهريان ئي ڀٽي T.V تي خطاب ڪندي پنهنجي ڪرسي جي ٻانهن کي قابو ڪري چيو هو تہ منهنجي هيءَ ڪرسي تمام مضبوط آهي. مون کي اڄ تائين اهو منظر ياد آهي. پر جڏهن لاهور مان هيءُ پيغام پهتو تہ فوج جو هيءُ نقطہ نظر آهي تہ سندس ڪرسي لڏي وئي. پوءِ وڃي هن پي اين اي (PNA) کي مذاڪرات جو پيغام موڪليو. بهرحال اسلامي انقلاب لاءِ جانيون تہ ڏيڻيون پونديون اُن کان سواءِ اهو ڪم ڪونہ ٿيندو.

هن دؤر ۾ اسان جي اڳيان ايرانين جو مثال موجود آهي تہ انهن پنهنجيون جانيون ڏئي انقلاب آڻي ڏيکاريو. جڏهن تہ ايراني انقلاب کي آئون صحيح اسلامي انقلاب نٿو سمجهان، بلڪ منهنجي حساب سان تہ اهو حقيقي انقلاب بہ ڪونہ هو. ان ڪري جو اهو پنهنجين سرحدن کان ٻاهر ڪونہ نڪري سگهيو، جڏهن تہ حقيقي انقلاب پنهنجين سرحدن مان لازمًا نڪرندو آهي ۽ Export ٿيندو آهي. 1984-85ء ۾ مون مسجد دار السلام باغ جناح ۾ هن موضوع تي خطاب ڪيا هئا تہ ڇا ايراني انقلاب اسلامي انقلاب آهي؟ انهن خطابن کان پوءِ "منهج انقلاب نبوي ﷺ" جي موضوع تي مون يارهن (11) تقريرون ڪيون، جن جو خلاصو اڄ توهان جي سامهون بيان ڪري رهيو آهيان. اُهي تقريرون "منہج انقلابِ نبوی ﷺ" جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن توهان جي دل ۾ ٿورو بہ جذبو اُڀريو آهي تہ هن ڪتاب کي لازمي پڙهو.

# وقت جي اهم ترين ضرورت

اج جي سڀ کان وڏي ضرورت هيءَ آهي تہ انقلاب جو طريقو واضح ٿي وڃي. اڄ مسلمانن ۾ جذبي جي ڪمي ناهي. هزارين ماڻهو جانيون ڏئي رهيا آهن. پنهنجن جسمن سان بم ٻڌي پاڻ کي اُڏائي رهيا آهن. ڪشمير ۾ جيڪو جذبو اُڀريو اُن کي پوري دنيا ڏٺو. ڪشميرين لاءِ چيو ويندو هو تہ اها ويڙهاڪو قوم ناهي. پر هاڻي اُن ۾ جان اچي وئي آهي. پاڪستان مان ڪيترن ئي ماڻهن اتي وڃي شهادت حاصل ڪئي آهي.— پر اسلامي انقلاب جو طريقو اهو نہ آهي. هن سان ڪٿي بہ ڪاميابي نہ ملندي. هن طريقي سان توهان صرف پنهنجي اندر جي ڪاوڙ ٺڏي ڪري سگهو ٿا. توهان آفريڪا ۾ وڃي آمريڪا جي ٻن سفارتخانن کي اُڏائي ڇڏيو جنهن سان ڏهہ پندرهن آمريڪي مُئا جڏهن تہ ٻہ سؤ اُتي جا مقامي آفريڪي ماڻهو مري ويا. ان جو ڪو فائدو ٿيو؟ بس اهو تہ توهان پنهنجي ڪاوڙ ٺڏي ڪري ڇڏي. انهن طريقن سان ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو.— اليڪشن مان بہ ڪجهہ حاصل ڪونہ ٿيندو. هن طريقي سان اسلامي انقلاب جو خواب ڪڏهن بہ پورو ڪونہ ٿيندو. توهان جو خلوص پنهنجي جاءِ تي پر هيءُ طريقو غلط آهي. اسلامي انقلاب لاءِ محمد ﷺ جن جو ئي طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. ڇا حضور ﷺ جن عرب ۾ اليڪشن سان ڪامياب ٿي سگهن ها؟ قرآن چوي ٿو: ﴿وَإِنْ تُطِعْ أَكْثَرَ مَنْ فِي الْأَرْضِ يُضِلُّوكَ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ﴾ (الانعام: 116) "جيڪڏهن تون انهن زمين ۾ رهندڙن جي اڪثريت جي چوڻ تي هلندين تہ هو توکي الله جي واٽ کان ڀٽڪائي ڇڏيندا." اليڪشن ۾ تہ صرف اڪثريت ۽ اقليت جو مسئلو آهي. آئون ان کان بہ اڳتي وڌي چوان ٿو تہ ڇا آيتُ الله خميني ايران ۾ اليڪشن جي ذريعي اقتدار ۾ اچي سگهي ها؟ هرگز نہ! الله جي واسطي پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ ڇڏي ڏيو. اڄ پوري اُمت الله جي عذاب مان صرف ان صورت ۾ ئي نڪري سگهي

تي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جي دين کي قائم ڪري پوري دنيا کي دعوت ڏجي تہ اچو ڏسو، هيءَ آهي اسلام! هن جون برڪتون ۽ هن جون سعادتون اچي ڏسو. هتان جي مساوات ۽ ڀائيچارو اچي ڏسو. هتي جي آزادي ۽ هتي جو امن امان اچي ڏسو!! جيڪڏهن اسين اهو نہ ڪري سگهياسين تہ پوءِ الله جو عذاب سخت کان سخت ٿيندو ويندو. عذاب جي سختي وڌندي ويندي گهٽجندي ڪونہ ۽ سيني کان وڌيڪ عربن تي الله جي عذاب جا ڪوڙا وسندا. ڇو تہ انهن تي الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ جو وڏو احسان ٿيو هو جو رسول عربي ﷺ جن انهن مان ئي هو، ”يہ رتبۂ بلند ملا جس کو مل گيا!“ ٻيو احسان هيءُ تہ الله تَبَارَكَ وَتَعَالَىٰ انهن جي ٻوليءَ ۾ ئي پنهنجو آخري ڪتاب نازل ڪيو. اسان تہ سخت محنت کان پوءِ عربي ٻولي سکي قرآن مجيد کي سمجهڻ جهڙا ٿيا آهيون پر هُنن جي تہ هيءَ مادري زبان آهي.

بهرحال پاڪستان جي بقاء انهيءَ ۾ ئي آهي تہ هتي اسلامي انقلاب اچي. اهو ئي هن جي قائم ٿيڻ جو حقيقي مقصد آهي. باقي پاڪستان جو حال هن وقت هيئن آهي جيئن سورة الواقعه جي آخري رڪوع ۾ هڪ منظر ڏيکاريو ويو آهي تہ جڏهن ڪير سڪرات جي حالت ۾ هوندو آهي تہ ان جا مِٽ مائٽ ڏسندا پيا آهن پر هُو بيوس هوندا آهن. قرآن ۾ ارشاد آهي: ﴿فَلَوْ لَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ○ تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ○﴾ (الواقعه: 86 - 87) ”پوءِ جيڪڏهن توهان (الله جي) اختيار هيٺ نہ آهيو تہ پوءِ ڇو نٿا انهيءَ (روح) کي (جسم ڏانهن) موٽايو جيڪڏهن توهان (پنهنجي هن دعويٰ ۾) سچا آهيو؟“— آئون بہ اهڙيءَ طرح ئي ڇئي رهيو آهيان تہ پاڪستان هٿن مان وڃي پيو. پوءِ توهان جا محل توهان جا نہ رهندا بلڪ ڪنهن ٻئي جا ٿي ويندا. توهان جون مِليون، توهان جا ڪارخانا ۽ توهان جو سڀ ڪجهہ ٻين جو ٿي ويندو. ”ديکھنا ان بستيوں کو تم کہ ويراں ہو گئيں!“ جيڪڏهن هتي اسلام نہ آيو تہ نہ پاڪستان کي باقي رهڻ

جو حق آهي ۽ نہ ئي باقي رهندو! مون ”موجوده عالمي حالات جي پس منظر ۾ اسلام ۽ پاڪستان جو مستقبل“ جي جامع عنوان سان بہ تقريرون ڪيون هيون جيڪي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. هڪ (1) موجوده عالمي حالات جي پس منظر ۾ اسلام جو مستقبل، ۽ ٻي (2) چا پاڪستان جي خاتمي جي اُبتي ڳڻپ شروع ٿي چڪي آهي يا اجان نجات جو ڪو رستو ڪليل آهي؟ — نجات جي واحد راهہ هيءَ آهي تہ هتي اسلامي نظام آندو وڃي. پر ان جي خواهش ۽ جذبو رکڻ وارن جي سامهون صحيح طريقو واضح نہ هجڻ جي ڪري اُهي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندا پيا وتن.

مون سيرتِ نبوي ﷺ مان استفاده ڪري ۽ ان مان رهنمائي حاصل ڪري توهان جي سامهون انقلاب جو طريقو رکي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هن طريقي کي اختيار ڪندائو تہ ڪاميابي جو امڪان آهي. جي نہ تہ توهان جو خلوص پنهنجي جاءِ تي، پر ڪاميابي ڪونہ ملندي.

اقول قولی هذا و استغفر الله لی و لکم و لسائر المسلمین و المسلمات

❁❁❁❁❁

## اسلام جي غلبي جي متعلق حديثون

عَنْ ثَوْبَانَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ : اِنَّ اللّٰهَ زَوٰى لِيَ الْاَرْضَ فَرَاَيْتُ مَشَارِقَهَا وَمَغَارِبَهَا ‘ وَاِنَّ اُمَّتِيْ سَيَبْلُغُ مُلْكُهَا مَا زُوِيَ لِيْ مِنْهَا

حضرت ثوبان رضي الله عنه روايت ڪن ٿا تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله تعالىٰ زمين کي منهنجي لاءِ ويڙهي ڇڏيو. پوءِ مون ان جا سيئي اوير ۽ اولهہ (يعني سيئي پاسا) ڏٺا. ۽ يقينًا منهنجي اُمت جي حڪمراني اوستائين پهچندي جيستائين زمين کي منهنجي لاءِ ويڙهيو ويو. (يعني اهل اسلام جي حڪمراني پوري زمين تي قائم ٿيندي.) (رواه مسلم و الترمذی و أبو داؤد و ابن ماجة)

عَنِ الْمِقْدَادِ بْنِ الْاَسْوَدِ رضي الله عنه:

اَنَّـهٗ سَمِعَ رَسُوْلَ اللّٰهِ صلى الله عليه وسلم يَـقُوْلُ: لَا يَبْقٰى عَلٰى ظَهْرِ الْاَرْضِ بَيْتُ مَدَرٍ وَلَا وَبَرٍ اِلَّا اَدْخَلَهُ اللّٰهُ كَلِمَةَ الْاِسْلَامِ بِعِزِّ عَزِيْزٍ وَذُلِّ ذَلِيْلٍ۔ اِمَّا يُعِزُّهُمُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ فَيَجْعَلُهُمْ مِنْ اَهْلِهَا اَوْ يُذِلُّهُمْ فَيَدِيْنُوْنَ لَهَا۔ قُلْتُ: ” فَـيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ“

حضرت مقداد رضي الله عنه كان روايت آهي تہ اُنهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن كي فرمائيندي ٻڌو:”الله تعالىٰ پوري زمين جي سيني شهرن ۽ ڳوٺن جي هر هڪ گهر ۾ اسلام جو كلمو داخل فرمائيندو. پوءِ ڀلي اُن كي كير عزت سان قبول كري يا وري كير ذلت سان (مغلوب ٿي) زندهہ رهي. جن ماڻهن كي الله تعالىٰ (اسلام جي ذريعي) عزت عطا كندو تہ انهن كي اسلام جي كلمي جو اهل كري ڇڏيندو. يا (كفر جي حالت ۾ برقرار رهڻ وارن كي) مغلوب كري ڇڏيندو تہ پوءِ اُهي (مجبورًا) اسلام جي اطاعت اختيار كندا.“ حضرت مقداد رضي الله عنه فرمايو تہ انهن دل ۾ چيو: ”پوءِ تہ دين پوري جو پورو الله تعالىٰ جي لاءِ ٿي ويندو.“

(رواه احمد فى ’’المُسند‘‘ بسند صحيح)

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ :

تَكُوْنُ النُّبُوَّةُ فِيْكُمْ مَا شَاءَ اللّٰهُ اَنْ تَكُوْنَ، ثُمَّ يَرْفَعُهَا اِذَا شَاءَ اَنْ يَّرْفَعَهَا. ثُمَّ تَكُوْنُ خِلَافَةً عَلٰى مِنْهَاجِ النُّبُوَّةِ، فَتَكُوْنُ مَا شَاءَ اللّٰهُ اَنْ تَكُوْنَ، ثُمَّ يَرْفَعُهَا اِذَا شَاءَ اللّٰهُ اَنْ يَّرْفَعَهَا. ثُمَّ تَكُوْنُ مُلْكًا عَاضًّا، فَيَكُوْنُ مَا شَاءَ اللّٰهُ اَنْ يَكُوْنَ، ثُمَّ يَرْفَعُهَا اِذَا شَاءَ اَنْ يَرْفَعَهَا، ثُمَّ تَكُوْنُ مُلْكًا جَبْرِيَّةً، فَتَكُوْنُ مَا شَاءَ اللّٰهُ اَنْ تَكُوْنَ، ثُمَّ يَرْفَعُهَا اِذَا شَاءَ اَنْ يَّرْفَعَهَا. ثُمَّ تَكُوْنُ خِلَافَةً عَلٰى مِنْهَاجِ النُّبُوَّةِ، ثُمَّ سَكَتَ.

رسول الله ﷺ جن فرمايو: توهان ۾ جيسيتائين الله چاهيندو تيسيتائين نبوت جو دؤر موجود رهندو. پوءِ جڏهن الله اُن کي ختم ڪرڻ چاهيندو تہ اُن (نبوت جي دؤر) کي ختم ڪري ڇڏيندو. (اُن ڪان پوءِ) خلافت علىٰ منهاج النبوة (يعني نبوت جي طريقي مطابق خلافت) قائم ٿيندي جيڪا قائم رهندي جيسيتائين الله چاهيندو. پوءِ جڏهن الله اُن کي ختم ڪرڻ چاهيندو تہ اُن کي ختم ڪري ڇڏيندو. (پوءِ اُن جي جڳهہ تي) ظلم واري بادشاهت قائم ٿيندي جيڪا برقرار رهندي جيسيتائين الله چاهيندو. پوءِ جڏهن الله اُن کي ختم ڪرڻ چاهيندو تہ ان کي بہ ختم ڪري ڇڏيندو. ان ڪان پوءِ جبر واري بادشاهت قائم ٿيندي جيڪا باقي رهندي جيسيتائين الله چاهيندو. پوءِ جڏهن الله ان کي ختم ڪرڻ چاهيندو تہ ان کي بہ ختم ڪري ڇڏيندو. پوءِ (ٻيهر) خلافت علىٰ منهاج النبوة قائم ٿيندي. ان ڪان پوءِ پاڻ ﷺ جن خاموش ٿي ويا. (رواه احمد: عن نعمان بن بشير رضي الله عنه)